درد جو رشتو

(ناول)










- امر گوپالاڻي

درد جو رشتو

(ناول)

امر گوپالاڻي

پيٽ



ناول ”درد جو رشتو“
عزت مانَ سان پيش ٿو ڪريان
سنڌي ادب جي روشن ستاري
مهان اديب سداحيات
واسديو موهيءَ کي

- امر گوپالاڻي

درد جو رشتو

(ناول)

ليکڪ	:	امر گوپالاڻي
دفعو	:	پهريون سال : 2022
ڇپائيندڙ	:	امر گوپالاڻي E-98، ساڪيت، اِندور-452018. موبائيل: 8989831884
ڪاپيون	:	500
قيمت	:	260 رپيا
ٽائيپ سيٽنگ ۽ ڇپائي ڏيندڙ	}	آهوجا گرافڪ سروس اي-وارڊ مين روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد.

DARD JO RISHTO (Novel)

Writer	:	**Amar Gopalani**
Edition	:	**1st**
Year	:	**2022**
Publisher	:	**Amar Gopalani** E-98, Saket Colony, Indore - 452018 Mob. : 8989831884
ISBN No.	:	
Copies	:	500
Price	:	Rs. 260/-
Type Setting & Printed by	}	**Ahuja Graphic Service** A-Ward Main Road, Kubernagar, Ahmedabad-382340. (M) 7817888191-8780671345

ڪاليج لائيف اُتساهه اُمنگه سان ڀريل هوندي آهي. شرارتن ۽ رومانس سان ڀريل هوندي آهي. شاگرد جوانيءَ جي سيما ريکا تي قدم رکي چُڪا هوندا آهن. ڪُجهه بڻجڻ، ڪُجهه ڪري ڏيکارڻ جي چاهت رکڻ وارا نؤجوان هوندا آهن.

ڪو ايڊيوڪيشن جو ماحول اچا به رنگين ٿيندو آهي، ڇوڪرا ڇاهي ڇوڪريون الڳه الڳه سڀاوَ جا ٿيندا آهن. ڪُجهه شرارتي طبيعت جا هوندا آهن، جن کي ٻين کي ستائڻ ۾ مزو ايندو آهي. ڪُجهه فلرٽ ڪري ڇوڪرين کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اُنهن ۾ ڪُجهه اميرزادا ته ڪي مفلس هوندا آهن.

ڪُجهه ڀوُڙا سنڪوچي سڀاوَ جا ٿيندا آهن. هڪ طرفو پيار ڪندا آهن. پنهنجي پيار جو اِظهار نه ڪري سگهندا آهن، جنهن کي چاهيندا آهن، اُها ٻئي ڪنهن جي ٿي ويندي آهي يا ٿي ويندو آهي، تڏهن سندس حصي ۾ آهون ڀرڻ ۽ اشڪ وهائڻ ئي رهجي ويندو آهي.

ڪُجهه نؤجوان کُلي ڪري پيار ڪندا آهن ۽ پنهنجي پيار کي حاصل ڪري رهندا آهن. ڪڏهن ڪُجهه ڀوُائن کي اچانڪ ڪنهن سان پيار ٿي ويندو آهي. اهڙن نؤجوانن جي راهه ۾ انيڪ دُشواريون اچي وينديون آهن. جن کان پار پوٽو پوندو آهي.

هيءَ ڪهاڻي آهي ماڊو ڪاليج اُجين جي ٻن شاگردن ساجن ۽ پريا جي. ساجن پرياڻي مڊل ڪلاس پريوار جو نؤجوان هو. هوُ ڪاليج جي وقت کان پوءِ پيءُ جي ڊنڊي ۾ مدد ڪندو هو. هوُ ڪاليج جي راندين يا ٻيءَ ڪنهن ائڪٽويٽيءَ ۾ شامل نه ٿيندو

پنهنجي طرفان

دوستو،

ڪورونا سڄيءَ دنيا ۾ اٿل پٿل مچائي آهي، تباهي مچائي اَٿائين. نہ معلوم ڪيترن دلين ۾ درد پريو اَٿائين. ڪيترن هڪ ٻئي سان پنهنجو دُکہ درد ورهايو هوندو. ڪنِ جو پاڻ ۾ درد جو رشتو جُڙيو هوندو. اهڙن ئي دلين جي داستان آهي ناول ”درد جو رشتو“. اُميد تہ توهان کي پسند ايندو.

دوستو، عمر جا پنڄاسي بسنت ماڻڻ ڪانپوءِ شرير ڪمزور ٿيڻ لڳو آهي پر مَنُ ٻلوان آهي. مَنُ ٻُت کي نٻل ٿيڻ نٿو ڏي. ليڪن ڪيستائين؟ نشورپنڊ کي هڪ ڏينهن تہ فنا ٿيڻو آهي.

مالڪ کي وينتي آهي تہ جيستائين سواس هلن، هٿ بہ هلندو رهي. رچناڪرم جاري رهي.

دوستو، توهان کي گُذارش آهي، دعا ڪندا امر رهي نہ رهي، سنڌي ٻولي امر رهي. سنڌيت جي جوت ٻرندي رهي.

امر گوپالاڻي
E-98، ساڪيت، اِندور-452018.
موبائيل : 8989831884

آهن. جڏهن به گواليئر جي راجا جو اُجين اچڻ ٿيندو هو ته
پنهنجي رات گُذارڻ لاءِ ڪاليادِيهه محل ٺهرايو هئائون. وچم هڪ
ڪُنڊ ٺهيل هو جيڪو هر وقت شپرا نديءَ جي صاف شفاف سيتل
جل سان ڀريل هوندو هو. پاٽيءَ جي نيڪال جو پڻ اِنتظام ٿيل هو.

جڏهن گواليئر اسٽيٽ کي مڌيه ڀارت پرانت ۾ شامل ڪيو ويو،
تڏهن کان ڪاليادِيهه پئليس کي عام جنتا لاءِ کوليو ويو ۽ اُجين
جو دلڪش پڪنڪ اسپاٽ بڻجي ويو.

ڪاليج جي پڪنڪ پارٽيءَ ۾ ساجن ته شامل ٿيندو هو ليڪن
پِريا شامل نه ٿيندي هئي. دوستن جي گُذارش تي ساجن ڪوئي
نه ڪوئي نغمو جهونگاريندو هو. هوُ اڪثر تلت محمد جا ڳايل
گيت ئي ڳائيندو هو. اُنهن گيتن ۾ آرڪيسٽرا جو تيز آواز نه
اونچو آلاپ هوندو هو. هوندو هو فقط درد ۽ مٺاس.

اَهڙو ڪوئي موقعو نه آيو هو جو ساجن ڪڏهن پِريا کي ستار
وڄائيندو ڏٺو هجي يا پريا ساجن کي گيت ڳائيندي ٻُڌو هجي.
ٻئي هڪٻئي کان واقف هوندي به بيگانن وانگر هئا. اهڙو ڪوئي
اِمڪان به نه هو ڇو ته ٻنهين جو سڀاوَ هڪٻئي جي اُبتڙ هو.

جيون ۾ ڪڏهن اَهڙو موقعو اچي ويندو آهي جو به اڻڄاڻ
شخص هڪٻئي جي قريب اچي ويندا آهن. خبر ئي نه پوندي
آهي گهرائپ پيار ۾ بدلجي ويندي آهي. ساجن ۽ پِريا سان به
اِئين ئي ٿيو هو. موقعو هو ڪاليج جو ساليانو جلسو. ٻن ڏينهن جو
پروگرام هو. پهرئين ڏينهن ناٽڪ ۽ مؤسيقيءَ جو پروگرام ۽ ٻئي
ڏينهن ڪوي سميلن. سنگيت جي پروگرام ۾ رجنيءَ پِريا جو نالو
ستار وڄائڻ ۾ ۽ ساجن جي دوستن ساجن جو نالو گيت ڳائڻ ۾
لکائي ڇڏيو هو.

ڪوي سميلن اکل ڀارت پئماني تي ٿيندو هو. پبلڪ کي اِن

هو. ايڪانت ۾ فُرصت ۾ تلت محمد جو ڪوئي نہ ڪوئي نغمو گُنگُنائيندو رهندو هو. اِها خبر سندس دوستن کي هئي. سندن اِسرار تي اُنهن جي سامهون بہ ڳائيندو هو. ساجن جو آواز پُرڪشش هو.

پِريا بي.ڪام فائينل جي شاگرد هئي. هوءَ امير پيءُ جي سِڪيلڌي ڌيءَ هئي. سندس پيءُ جو نالو نيميچند جئن ۽ ماتا جو نالو ڪُمدني هو. نيميچند جو تماڪ جو وڏو ڪاروبار هو. ٻيڙيءَ جي ڪارخاني وارن کي تماڪ سپلاءِ ڪندو هو. ديواس روڊ تي سندس شاندار بنگلو هو.

ساجن جي پيءُ جو نالو دوارڪاداس، ماتا جو نالو جمناديوي هو. هڪ ننڍو ڀاءُ هيس رتن. دوارڪاداس جو دؤلت گنج ۾ هول سيل اناج جو ڪاروبار هو. هيٺان دُڪان مٿان مڪان هيس.

ساجن ۽ پِريا هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئا پر ٻنهين ۾ ڪائي گهرائپ نہ هئي. اميرزادي هئڻ سبب ڪيترا ئي ڇوڪرا پِريا سان دوستي ڪرڻ چاهيندا هئا پر پِريا ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ ويجهو اچڻ نہ ڏنو هو. پِريا سادگي پسند هئي. ڏيکاو کان پري رهندي هئي. سادگيءَ ۾ بہ چهري تي نوُر بکندو هوس.

پِريا گهر ۾ فُرصت جي وقت ستار وڄائيندي هئي. ستار جي تارُن کي ڇيڙي اُن جي مڌُر جهنڪار ۾ لين ٿي ويندي هئي ان جي جاڻ پِريا جي گهري دوست رجنيءَ کي هئي.

شاگرد اڪثر پڪنڪ منائڻ ڪالياديهہ پئليس ويندا هئا. اِها جڳهہ اُجين کان ٨-٧ ميل پري آهي. اِهو محل سنڌيا گهراڻي جي راجا نهرايو هو. اُجين گوالير جي سنڌيا اسٽيٽ ۾ شامل هئي. اُجين کي مهاڪال جي نگري سڏيو ويندو آهي. مطلب اُجين شهر جو راجا مهاڪال ڀڳوان آهي. هڪ شهر ۾ بہ راجا واس نہ ڪري سگهندا

ي نئين تصوير ساجن جي من ۾ اُڪرجندي ويئي. جڏهن پريا
ستار وڄائڻ بند ڪئي تہ هال تاڙين جي گڙگڙاهٽ سان گونجڻ
لڳو. پريا اُٿي هڪ دفعو وري سيني کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري
اسٽيج تان لهي ويئي. سِتار رجنيءَ جي حوالي ڪري وڃي
پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهي.

جلد ئي ساجن جو نالو اناؤنس ٿيو. ساجن سيٽ تان ٽَپُ ڏيئي
اُٿيو. اِسٽيج تي وڃي سيني کي هٿ جوڙي نمستي ڪري وڃي
مائيڪ سنڀاليائين. سندس نظرون پريا جي چهري تي کُتل هيون.
پريا کي مخاطب ٿي ڳائڻ شروع ڪيائين :

''يي هوا يي رات يي چاندني،
تيري اڪ ادا پي نثار هئہ،
يي هوا يي رات يي چاندني،
تيري اڪ ادا پي نثار هئہ،
مُجهي ڪيون نہ هو تيري آرزو،
تيري جستجوُ ۾ بهار هئہ،
تُجهي ڪيا خبر هئہ او بيخبر،
تيري اڪ نظر ۾ هئہ ڪيا اثر،
جو غضب ۾ آئي تو قهر هئہ،
جو هو مهربان تو قرار هئہ.
يي هوا، يي رات يي.....''

ٻُڌڻ وارن تي مدهوش طاري ٿيڻ لڳي. ساجن ڳائڻ جاري رکيو.

''تيري بات بات هئہ دل نشين،
تيري بات بات هئہ دل نشين،
نهين تُجهہ سي بڙهڪي ڪوئي حسين،
تيري آنکہ ڪا يي خمار هئہ،

پروگرام جو اِنتظار رهندو هو. مشهور مصروف ڪوين ڪي گُهرايو ويندو هو، اُنهن ۾ خاص تي ڪوي هوندا هئا هريونشراءِ بچن، گوپالداس نيرج ۽ ٽيون اُجين جو ماڌو ڪاليج جو پرنسيپال ۽ پوءِ وڪرم يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر شومنگل سنهه سُمن. پبلڪ خاص اُنهن ڪي ٻُڌڻ ايندي هئي. سڄي سڄي رات ڪوي سميلن هلندو هو نه ٻُڌڻ وارا ٿڪبا هئا نه ٻُڌائڻ وارا. هاڻي ڪوي سميلن يونيورسٽيءَ جي سياگره ۾ ٿيندو هو. اُتي هال وڏو هو. پارڪنگ جي به معقول سهوليت هئي. پهرئين ڏينهن ناٽڪ به ڪاليج جا شاگرد ئي پيش ڪندا هئا. سنگيت ۾ ووڪل (ڳائڻ) ۽ اِنسٽرومينٽ (ساز وڄائڻ) جي پيشڪش به ڪاليج جا شاگرد ئي ڪندا هئا.

ناٽڪ پيش ٿي چُڪو هو. سنگيت جو پروگرام به پورو ٿيڻ وارو هو. پروگرام جي اينڪر اناؤنس ڪيو ته هاڻي مِس پِريا جئن جو ستار وادن ٿيندو. پنهنجو نالو ٻُڌي پِريا حيران ٿي ويئي ۽ اِسٽيج تي وڃڻ کان منع ڪرڻ لڳي. شاگردن ۽ اُستادن جي اِسرار تي پِريا اُٿي. پِريا جو نالو رجنيءَ ئي لکايو هو. سِتار به پِريا جي گهران بنا پِريا کي ٻُڌائڻ جي رجني ئي کڻي آئي هئي. رجنيءَ سِتار پِريا ڏانهن وڌائي. پِريا سِتار کڻي اِسٽيج تي ويئي. اِسٽيج تي چڙهڻ کان اڳ ڏاڪي تائين نمي نمسڪار ڪيائين. اِسٽيج تي پهچي گروجنن ۽ وديارٿين کي نمسڪار ڪيائين. پوءِ ويهي سِتار کي کُلهي سان ٽڪائي سِتار جي تارن کي ڇيڙڻ لڳي. ٿوري ئي دير ۾ پِريا لئه پڪڙي. سِتار مان مڌُر جهنڪار گُونجڻ لڳي. هال ۾ شانتي ڇانئجي ويئي. فقط سِتار جي جهنڪار گُونجڻ لڳي. ساڄن جون اکيون پِريا جي چهري تي کُپي ويون. ڪَن سِتار جي جهنڪار ٻُڌي رهيا هيس. ساڄن کي اڄ پِريا جو نئون روپ نظر آيو. پِريا

ريا مُڙي وڃڻ لڳي. ساڄن بہ اُٿي گيٽ طرف وڌيو.

رات جو ساڄن ۽ پِريا پنھنجي-پنھنجي بستري تي ليٽيا. ڪٻئي جي باري ۾ سوچيندا رهيا. ٻنهين جي دل ۾ ڪُجھہ ڪجھہ تيڻ لڳو هو. ٻئي ڏينهن ملڻ جي خواهش ڪري ٻئي ندراديويءَ جي آغوش ۾ هليا ويا.

ٻئي ڏينهن ڪوي سميلن هو. ٻيڙ تيڻ واري هئي. شونقين نهنجي سيٽ والارڻ لاءِ وقت کان اڳہ ئي اچڻ شروع ٿي ويا هئا. اڄن هال جي ٻاهر پِريا جي اچڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. لنبي اِنتظار انپوءِ پِريا رجنيءَ سان گڏ ايندي نظر آيس. ساڄن کي ڏسي پِريا جنيءَ کي چيو، ”تُم چلو مئن آتِي هوُن.“

رجني- ”سيٽ روڪون ڪِ نهين؟“

پِريا- ”ڪيون پوُڇ رهي هو؟“

رجني- ”ڪيا پتا آئو ڪِ نهين؟“

پِريا- ”آئونگي جاڪر سيٽ روڪو.“

رجني- ”ايڪ يا دو؟“

پِريا- ”دو.“

رجني اندر هلي ويئي. پِريا ساڄن کان پُڇيو، ”اب؟“

ساڄن- ”چلو پارڪ ۾ چلڪر ٻئنٺتي هئن.“

ٻئي ڄڻا پارڪ ۾ ويا. ڪوي سميلن جي ڪري پارڪ ۾ اڪو ڪو ماڻهو هئا. ٻئي ڄڻا وڃي هڪ ٻئنچ تي ويهي رهيا. ساڄن ڪاش ڏانهن نهاري چيو- ”هوا ڀِي هئہ، رات ڀِي هئہ، چاندني ي هئہ، تُم ڀِي هو.“

پِريا- ”ڪيا اِرادا هئہ؟“

ساڄن- ”تُم پر نثار هوني ڪا اِرادا هئہ.“

پِريا- ”تُم نثار هو جائوگي تو ميرا ڪيا هوگا؟ شاعري ڇوڙو،

مُجھي ڪيون نہ هو تيري آرزو،
تيري جستجوُ ۾ بهار هئہ،
يي هوا يي رات يي چاندني،
تيري تيزي اڪ ادا پي نثار هئہ،
يي هوا يي رات يي چاندني....''

گيت پورو ٿيو، اِئين لڳو ڄڻ ٻُڌندڙ ننڊ جي خمار مان سُجاڳ ٿيا هئا. وري هال تاڙين جي گڙگڙات سان گُونجڻ لڳو.

اناﺋﻮنسر پروگرام ختم ٿيڻ جي پڙرائي ڪئي. ٻُڌندڙ رس ۽ آنند ۾ سروبر ٿي وڃڻ لڳا. پِريا پيئڙ گهنجڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳي. ساجن بہ پنهنجي سيٽ تي ويٺو رهيو. پريا اُٿي ساجن وٽ وڃي چيائينس، ''آج آپني ڪمال ڪر ديا، غضب ڪي مناس هئہ آپڪي آواز ۾.''

ساجن- ''پرياجي سچ پوُڇو تو يهہ گيت مئني آپڪي ليئي ئي گايا ٿا، لگتا هئہ شاعر ني يهہ نغما آپڪي ليئي ئي لکا هوگا.''

ٻُڌي پريا لڄائجي ويئي.

ساجن چيس- ''جب تُم سِتار بجا رهي ٿي، ميري ڪان تو سِتار ڪِي جهنڪار سُن رهي ٿي، ميري آنکين آپڪي چهري پر ٽِڪي ٿِي.''

پِريا- ''ساڌارڻ سا تو هئہ ميرا چهرا.''

ساجن- ''پهلي ساڌارڻ سان هِي لگتا ٿا. آج پهلِي بار محسوس هوُئا ڪ سادگي ۾ ڀِي بلا ڪِي ڪشش هوتي هئہ. جب نظريا بدل جاتا هئہ تو سڀ ڪُڇ بدل جاتا هئہ.''

پِريا- ''اَڇا چلتي هوُن...''

ساجن- ''ايِي نا جائو ڇوڙڪر ڪِ دل ابِي ڀرا نهين.''

پِريا- ''دل ڀر جائي تو ڦر رهہ ڪيا جاتا هئہ؟ باءِ چلتي هوُن.

پِريا- ”چلين؟“
ساڃن- ”ڪيا ڪرينگي چلڪر؟“
پِريا- ”ڪب تڪ يهان بئٺ ڪر مڇرون ڪا سنگيت سُنتي
رهينگي؟ بهتر هئہ چلڪر ڪوي سميلن ۾ بئٺين.“
ٻئي اُٿي وڃڻ لڳا.
پِريا ۽ ساڃن روز ڪاليج ۾ ملندا هئا. ليڪن پنهنجي رشتي
کي ظاهر ٿيڻ کان بچندا رهيا. پنهنجي قريبين کي بہ هوا لڳڻ
نہ ڏنائون.
ساڃن جو ڪاليج وڃڻ جو رستو ماليپرا کان ٿي ويندو هو. هوُ
روز رابيل جي گُلن جي لنبي ويٽي نهرائي پِريا لاءِ ڪٽي ويندو هو.
ڪجهہ پريان پِريا کي روڪي اُن جي چوٽيءَ ۾ ٻَڌندو هو.
هڪ ڏينهن هوُ رابيل جي گُلن جي پازيب نهرائي ڪٽي ويو،
جهڪي پِريا جي پيرن ۾ پائڻ لڳو. پِريا ٿوڪيس- ”هي ڇا ڪرتي
هو؟ ماڻهو ديکينگي تو ڇا چوينگي؟“
پِريا هندي سنڌي گڏيل ٻولي ڳالهائڻ لڳي هئي. ساڃن سنڌيءَ
۾ ڳالهائي اُن جو مطلب هنديءَ ۾ سمجهائيندو هيس.“
ساڃن چيس- ”ڇو ڏسندو ڪير؟ ٻئي پير سلوار سان ڍڪجي
ويندءِ.“
پِريا- ”خوشبوُ تہ آئيگي نہ؟“
ساڃن- ”پوري ڪلاس کي خوشبو سان مهڪڻ ڏي. ڪلاس ميٽ
کي سوچڻ ڏي تہ خوشبو ڪٿان ٿي اچي.“
پِريا- ”گهر ويندس تب؟“
ساڃن- ”تڏهن لاهي پرس ۾ رکي ڇڏجانءِ.“
پِريا- ”مون تہ توکي ڪيڇ کُڇ نہ ديئا هئہ.“
ساڃن- ”پيار جو ڏنو اَٿِي، اُن کان وڌيڪ ڇا ٿي ڏيڻ لاءِ؟“

يي سوچو همارا ملن ڪئسي هوگا؟''
ساجن- ''ڪيا پرابلم هئہ؟''
پِريا- ''پرابلم هيِ پرابلم هئہ. جاتي ڀيد هئہ. دونو پريوارن ڪي بيچ آرٿڪ اِستٿي ڪي وشمتا هئہ، ايِپ هماري پڙهائي ڀيِ پوري نهين هُئي هئہ.''
ساجن- ''تو؟''
پِريا- ''تو نهين مل پائينگي. آپڪي ماتا پتا چاهي مُجهي اپنا لين پر ميري پتا رشتي ڪو نهين سويڪارينگي.''
ساجن- ''هم دونو بالغ هئين اپني مرضي سي شادي ڪر سڪتي هئن.''
پِريا- ''ڪر سڪتي هئين پر شادي ڪرڪي هم يهان نهين رهہ پائينگي، پرديس لي جاڪر ڪهان رکوگي مُجهي؟ ڪلائوگي ڪيا هوا؟''
ساجن- ''واڪيئي پرابلم تو هئہ. همين اِنتظار ڪرنا پڙيگا هماري پريڪشا هوني اؤر رزلٽ آني تڪ. تب ڪوئي حل نڪال لينگي. تب تڪ تُم ايڪ وشمتا ڪو دور ڪرو. مُجهي هندي آتي هئہ، تُمهين سنڌي بولنا سيکني هوگي.''
پِريا- ''ڪؤن سڪائيگا؟ تُمهين هيِ تو سڪاني هوگي نہ؟''
ساجن- ''سڪائونگا، روز ملتي رهنا.''
پِريا- ''اِرادا تو اٽل هئہ نہ؟''
ساجن- ''اِستامپ پيپر پر لکہ ڪر دون.''
پِريا- ''ساجن مذاق نهين. ناري جيون ۾ ايڪ هيِ بار ڪسيِ ڪو من مندر ۾ بساتي هئہ، وهہ ڪڀي نهين چاهتي مورتي کنڊت هو اؤر من مندر ويران هو جائي.''
ساجن- ''پِريا، توُ هيِ ساجن ڪي سجني بنيگي.''

ندو جيترا پئسا ڪٺي سگهي ڪٺي، باقي سڀ دوست گڏجي مدد
ندن.
ساجن پارٽيءَ جي ڏينهن سڄو سامان ستيش جي ڪار جي
ڪيءَ ۾ رکيو. پِريا پارٽيءَ ۾ وڄائڻ لاءِ ستار کنئي. پنهنجي
وبائيل کنيائين. گهران آئو ۾ ويهي ڪاليج ويئي. اُتان ساجن
ن گڏ ستيش جي ڪار ۾ پارٽيءَ لاءِ ڪاليا ديهه پئليس ۾ ويا.
سوئيءَ جي تياري مهراج پنهنجي مددگار سان گڏ ڪري رهيو
و. شُڌ گيهه ۾ دال ڀاتي، موتي چوُر جا لڏون ۽ ٻيا طعام تيار ٿي
هيا هئا. سڀ وديارٿي مستيءَ جي موڊ ۾ هئا. دوستن جي اِسرار
ي پِريا سِتار وڄائي. ساجن هڪ گيت ڳايو. ساجن ۽ پِريا ڊءُ ڪري
وٺي ڪاڊي. ستيش کي به ڪائڻ ۾ شامل ڪيائون. ڪي شاگرد به
ائڻ ۾ مشغول هئا. ڪي ينگہ مليل ٿاڏل جو لُطف وٺي رهيا هئا.
پروگرام موجب ساجن پِريا ۽ ستيش موڪلائي روانا ٿي ويا.
تيش ٻنهي کي آريہ سماج مندر وٺي ويو. ٻنهين پنهنجو-پنهنجو
ڏار ڪارڊ ڏيکاري پنهنجي بالغ هئڻ جو ثبوت ڏنو. پوءِ ٻنهين
ي ويدڪ ريت سان شادي ٿي. ٻنهين شاديءَ جو سرٽيفڪيٽ
رتو.
اُتان ستيش ٻنهين کي سروٽي بس اِسٽئنڊ وٺي ويو. ٻنهين کي
نا وڃڻ واريءَ بس ۾ ويهاري روانو ڪيائين. ڪُنا ڪان ٻئي ٽرين
ستي بينا ويا. بينا پهچي ڏنل ائڊريس تي سورج جي ناناڻي
هر پهتا. سورج جو مامو گهر ۾ مؤجود هو. ٻئي ادب سان ساڻس
ليا. ساجن سورج جو ڏنل ليٽر کيس ڏنو. چٺي پڙهي سورج جي
امي چين- ”جيترو وقت رهڻ چاهيو، بي حجاب ٿي رهجو.
ونکي پنهنجو مامو ئي سمجهو.“
ٻئي گهر جي ٻين ڀاتين سان به مليا. کين رهڻ لاءِ الڳہ ڪمرو

پِريا- ”هلين؟“

ساجن- ”هلُ.“

ٻئي ڪُجهہ وڇوٽيءَ کان پوءِ الڳہ الڳہ ڪلاس ۾ ويا. اِها روز جي ڪِرتِ هين. ڪلاس ۾ ٻئي اڳہ جيان هڪ ٻئي لاءِ اجنبي بڻيا رهندا هئا، ڪنهن کي بہ پنهنجي پيار جي هوا لڳڻ نہ ڏنائون.

ڪُجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪاليج ۾ پرپريشن ليوَ (امتحان جي تياريءَ جي موڪل) شروع ٿيڻ واري هئي. روايت موجب جونيئر شاگرد فائينل سال وارن کي فيئر ويل پارٽي ڏيڻ وارا هئا.

اِن وچ ۾ پِريا جي لاءِ چنتا واري خبر هئي. سندس پتا جلد ئي سندس رشتو طيءِ ڪرڻ وارو هو. پِريا اِها خبر ساجن کي ڏني. ساجن پنهنجي گهري دوست ستيش کي ڏني. ستيش صلاح مشوري لاءِ سڀني دوستن جي ميٽنگہ سڏائي. اُن ۾ پِريا کي بہ شامل ڪيو ويو. سڀني جي راءِ بڻي تہ جنهن ڏينهن جونيئر فيئر ويل پارٽي ڏين، اُن ڏينهن پارٽي اڌ ۾ ڇڏي آريہ سماج مندر ۾ وڃي شادي رچائين. شاديءَ کان پوءِ ٻئي ڪُجهہ وقت لاءِ اُجين ڇڏي ڪيڏانهن هليا وڃن. تيستائين اُجين نہ موٽن جيستائين معاملو شانت نہ ٿي وڃي.

ڪيڏانهن وڃن، اُن لاءِ سندن ڪامن دوست سورج چيو، ٻئي بينا وڃن. اُتي سيف رهندا. بينا ۾ سورج جا ناناڻا هئا. سندس مامو پوليس اِنسپيڪٽر هو، سورج ڪين پنهنجي مامي لاءِ ليٽر ڏيندو.

اِهو پڻ طيءِ ٿيو تہ پِريا گهران فقط پنهنجا سرٽيفڪيٽ رول نمبر، آڌار ڪارڊ ۽ ڪاليج آئڊنٽي ڪارڊ کڻي نڪري. اَهڙي ڪابہ شيءِ نہ کڻي نڪري جو چوريءَ جو اِلزام لڳين. باقي تياري ساجن ڪندو. پنهنجا ۽ پِريا جا ڪُجهہ ڪپڙا خريد ڪري هڪ سُوٽ ڪيس ۾ وجهي کڻندو. ڪورس جا ڪتاب ۽ ضروري ڪاغذات

شادي رچاڪي گئي هونگي، دونو بالغ هئن، تم ڪسي ڪا ڪڇ
بگاڙ نهين سڪوگي.“

نيميچند- ”ايڪ بار آني دو دونو ڪو، دونون ڪو ڪٽواڪي
پهڪوا دونگا.“

دوارڪاداس- ”تمهاري باپ ڪي حڪومت چلتي هئہ؟
موالين جئسي باتين ڪرتي هو؟ هوگا توُ امير پر مجهي تو توُ
ڪنگال لگتا هئہ. بات ڪرني ڪي تميز نهين هئہ تجھہ ۾.“

نيميچند غصي ۾ لال پيلو ٿيندو، شوڪارا پريندو موٽي ويو.
گهر پهتو تہ جوٽس پڇيس، ”پريا ڪا ڪڇ پتا چلا؟“

نيميچند زور سان ٿڦ وهائي ڪڍيس. اُن جي اکين مان
ڳوڙها وهي ويا. ڳل ڪي مهٽيندي اُتان هلي وئي.

نيميچند من ۾ خفا هو. سمجھہ ۾ نہ ٿي آيس تہ ڪري تہ ڇا
ڪري. پريا بالغ هئي. اُن پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي هئي.
گهران ڪُجھہ کڻي بہ نہ وئي هئي جو سندن مٿان چوريءَ جو
الزام لڳائي سگهي. اچانڪ پريا ائين ڇو ڪيو؟ ڳالھہ ڪيستائين
لڪل رهندي؟ هڪ ڏينهن تہ ظاهر ٿي ويندي. سماج ۾ ڪنهن کي
مُنهن نہ ڏيکاري سگهندس.

هوُ ايترو ڪروڌ ۾ هو، اگر پريا سامهون هُجيس ها تہ اُن کي
ئي ماري ڇڏي ها. سندس زال جو ڪوئي ڏوھہ نہ هو. پريا جي
ڀڄي وڃڻ ۾ سندس ڪوئي هٿ نہ هو. هوءَ تہ پريا لاءِ فڪرمند
هئي. ناحق ڪيس ٿڦ وهائي ڪڍيائين. هوءَ تہ اڳ ۾ ئي ڏُکي هئي.

نيميچند جي موبائيل جو رِنگ ٽون وڳو. ڇوڪري جو پيءُ
پُڇي رهيو هو، ڪڏهن اچن ڇوڪري ڏسڻ.

نيميچند چلائي ڇين- ”ڪيا ڪروگي آڪر لڙڪي ني وجاتيہ
سي شادي ڪر لي هئہ.“ ٻُڌي ڇوڪري جو پيءُ هڪو-ٻڪو ٿي

ڏنو ويو.

دير شام تائين پريا گهر نہ موٽي تہ پريا جي ماءُ کي چنتا ٿيڻ لڳي. ڪُمدنيءَ مڙس وٽ وڃي پنهنجي چنتا ظاهر ڪئي. نيميچند پريا جي ساهيڙيءَ کي فون لڳائي. رجنيءَ ٻڌايس تہ اُن کي ڪائي خبر نہ آهي، هوءَ پارٽيءَ ۾ ويئي ئي نہ هئي.''

هاڻي نيميچند کي بہ چنتا ستائڻ لڳي. هُوَ ڪاليج جي ڇوڪرن کان معلوم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. کيس معلوم ٿيو تہ پريا ۽ ساجن پارٽي اڌ ۾ ڇڏي هليا ويا هئا. هُوَ ساجن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري دوارڪاداس جي گهر پهتو. ساجن جا ماءُ پيءُ بہ ساجن لاءِ فڪرمند هئا.

نيميچند ٻنهي پُڇيو، ''ڪهان هئہ ميري بيٽي؟''

دوارڪاداس- ''ڪؤن هو ڀائي تُم؟ ڪؤن سي تُمهاري بيٽي؟ يهان اُسڪا ڪيا ڪام؟''

نيميچند- ''ميرا نام نيميچند هئہ، ميري بيٽي پريا ساجن ڪي ساٿ گئي ٿي، اَڀِي تڪ نهين لؤٽي.''

دوارڪاداس- ''اوهہ! تہ اِها ڳالهہ آ.''

نيميچند- ''ڪيا ڪها تُمني؟''

دوارڪاداس- ''هم ڀِي ساجن ڪي ليئي چِنتِت ٿِي، اب چنتا ڪي ڪوئي بات نهين.''

نيميچند- ''ڪيا مطلب هئہ تُمهارا؟''

دوارڪاداس- ''دونو ساٿ ڪهين اُجين سي باهر چلي گئين هونگي.''

نيميچند- ''ڪيا بڪتي هو تُم؟ مئن پريا ڪو اغوا ڪرڪي لي جاني ڪي رپورٽ لڪاڪر ساجن ڪو گرفتار ڪرائونگا.''

دوارڪاداس- ''ناسمجهہ هو تُم. دونو ائسي نهين گئي هونگي

ڪي ويئي.
ساجن جلد اُجين موٽڻ چاهي پيو. اِمتحان بہ ويجهو اچي رهيو هو. ساجن ستيش کان فون ڪري پُڇيو تہ ماحول ڪيئن هو. ستيش ٻڌايس تہ فلحال تہ سڀ ڪُجهہ شانت هو.
ساجن- ”اسين موٽڻ ٿا چاهيون.“
ستيش- ”ڪُجهہ وقت رُڪو. توهان جي اچڻ سان بوال مچي سگهي ٿو.“
ساجن- ”ڪڏهن تہ حالات جو مقابلو ڪرڻو پوندو.“
ستيش- ”اِتي ڪائي تڪليف اٿوَ ڇا؟“
”ڪائي تڪليف ناهي، اسين شُڪرگُذار آهيون سورج ۽ سندس خاناڻن جا.“
ستيش- ”ڪُجهہ ڏينهن اچا سندن شُڪرگُذار رهو. جڏهن آءٌ چوان تڏهن اچجو، جڏهن بہ اچو مُنهن انڌيري اچجو.“
”شُڪريہ دوست.“
هفتي ڪانپوءِ ساجن ۽ پريا بينا مان پنجاب ميل ۾ ڀوپال لاءِ روانا ٿيا. ڀوپال مان چارٽرڊ بس ۾ اُجين روانا ٿيا. ساجن ستيش کي ڀوپال مان رواني ٿيڻ جو ٻُڌايو. ستيش چيس- ”توهان بس اِسٽئنڊ تي ئي لهجو. آءٌ ڪار ۾ توهان کي وٺڻ ايندس.“
شام جو ستيش دوارڪاداس کي وڃي ٻُڌايو تہ ساجن ۽ پريا موٽي رهيا آهن. آءٌ ڪين ڪار ۾ وٺي ايندس. توهان ڪوئي گوڙ گهمسان نہ ڪجو. ڪنهن کي بہ لڪا نہ پوي تہ ٻئي موٽي آيا آهن. اِتين - اڄ آرتوار آهي، ماحول شانت هوندو. دوارڪاداس چانهہ پي وڃڻ لاءِ چيس. ستيش چيس- ”هينئر ڪُجهہ بہ نہ وقت اچڻ تي توهان کان پارٽي وٺنداسين. فلحال احطيات ورتڻو آهي، حالات ٿو.“

ويو.

ٻئي ڏينهن ڪُمدنيءَ جي موبائيل جو رِنگ ٽون وڳو. ڌڙڪندڙ دل سان چيائين، ”هيلو.“

ٻئي طرف کان آواز آيو- ”مان، مئن پريا بول رهي هوُن.“ هوءَ اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ ويئي دروازو بند ڪري لرزندڙ آواز ۾ چيائينس- ”يي ڪيا ڪيئا بيٽي تُمني؟ ڪيون ڪيا ائسا؟“

پريا- ”مان، مئني روز تُمهين گُهٽتي جيتي مرتي ديکا هئہ. (ڪُمدنيءَ جو هٿ ڳل تي هلي ويو.) مان، پتاجي مُجهي يي ائسي آگہ ۾ جلني ڪي ليئي جهونڪ ديتي.“

ڪُمدني- ”سچ ڪهہ رهي هئہ بيٽي.“

پِريا- ”ساجن مُجهي پلڪون پر بٺاڪر رکتا هئہ، يهہ ميرا سؤڀاڳيہ هئہ جو مُجهي ساجن جئسا ساجن ملا هئہ. مئن بُهت خوش هوُن، آپ چنتا نہ ڪرين.“

ڪُمدني- ”پر بيٽي تُم لوگہ هو ڪهان؟“

پريا- ”مان، سُرڪشا ڪارڻو سي مئن يي نهين بتا سڪتي.“

ڪُمدني- ”خوش رهو بيٽِي. پرماتما تُمهين اکنڊ سؤڀاڳيوتي بنائي.“

پريا- ”مان آپڪا آشيرواد پاڪر مئني سب ڪُڇ پا ليئا.“

ڪُمدني- ”خوش رهہ بٽي. ساجن ڪي ليئي ڀِي ميرا پيار و آشيرواد.“

پِريا- ”ٿئنڪيوُ مام، رکتي هوُن.“

ٻنهين موبائيل جو سوِچ آف ڪري ڇڏيو.

بينا ۾ ساجن پِريا بيحد خوش هئا. فُرصت ئي فُرست هين. ساجن پِريا کي روز سنڌي ڳالهائڻ سيکاريندو هو. پِريا بہ چاهہ سان سکندي هئي. هڪ هفتي ۾ پِريا سُٺي نموني سنڌي ٻولي ڳالهائڻ

”ماتا، ساڄن جي گهر ۾ رهڻو آهي ته ساهري ٻولي سکڻ لازمي
ٿي نه؟ مونکي ساڄن سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سيکاري آهي.“
جمنا پريا کي ٻانهن ۾ ڀري گلي لڳائي چيو- ”هاڻي تون
پنهنجو سمورو ڌيان پڙهائيءَ ۾ لڳاءِ. سِکڻ لاءِ گهڻو ئي وقت ملي
ويندءِ.“
”ممي پڙهائي پڙهائيءَ جي وقت ٿيندي رهندي. آءٌ اڄ کان
وٺي رڌ پچاءُ ۽ گهر جا ٻيا ڪم سِکڻ ٿي چاهيان.“
پريا جمنا جو من موهي ڇڏيو. جمنا ڪيس رنڌڻي ۾ وٺي ويئي.
هفتي اندر ئي پريا گهر جو اڌ ڪم سنڀالي ورتو.
ٽن ڏينهن کانپوءِ ساڄن ۽ پريا جو اِمتحان شروع ٿيڻ وارو هو.
پريا گهر جو ڪم به ڪندي رهي. ساڄن سان گڏ پڙهائي به ڪندي
رهي. ايترن ڏينهن ۾ ڪنهن کي به پتو نه لڳو ته پريا ساڄن اُجين
۾ آهن ۽ ساڄن جي گهر ۾ آهن. ستيش جونيئر ڪلاس جي دوستن
کي جن جو اِمتحان بعد ۾ ٿيڻو هو، پريا ۽ ساڄن جي حفاظت لاءِ
ڪاليج جي آس پاس لڳائي ڇڏيو. ڪاليج ۾ اينٽري مکيه گيٽ
کان هئي.
ستيش پريا ۽ ساڄن کي پنهنجي ڪار ۾ ڪاليج وٺي ويو. ڪار
ڪاليج جي گيٽ تي بيهاريائين. گيٽ طرف پريا ويئي هئي.
روڊ طرف ساڄن. ساڄن جيئن ڪار مان لٿو هڪ شخص جيب مان
ديسي تمنچو ڪڍي ساڄن ڏانهن تاڻي ٽرئگر دٻائڻ وارو هو، اُن
کان اڳ هاڪي سندس هٿ سان ٽڪرائي. تمنچو هٿ مان
ڇڏائجي ويس. اُتي موجود نوجوانن وڃي اُن کي جهليو. ستيش
پريا ۽ ساڄن کي فورن ڪاليج اندر موڪليو. ستيش ڏنو ڇوڪرا
اُن شخص کي لتن ۽ مُڪن سان ماري رهيا هئا. غنڊو رتوڇاڻ ٿي
ويو. ستيش چيِن، ”هاڻي بس ڪريو.“

ساجن جي اچڻ جو ٻڌي ساجن جا ماءُ پيءُ خوشيءَ ۾ ڦوليا نہ سمايا. پُٽ - نونهن جي سواڳت جي تياريءَ ۾ لڳي ويا. ساجن جي ڪمري کي گُلن سان سجايو ويو. سندن ڪاڻ لاءِ ڪيترا طعام تيار ڪيا ويا. جمنا آرتيءَ جي ٿالهي تيار ڪري رکي. ٽيئي ڄڻا ساجن ۽ پريا جي اچڻ جو بيصبريءَ سان اِنتظار ڪرڻ لڳا. اِنتظار جو هڪ-هڪ پل ڪين ياري لڳڻ لڳو.

رات جو لڳ ڀڳ ساڍي ڏهين بجي ستيش ساجن ۽ پِريا کي گهر ڇڏي ويو. ٻئي ڦُڙتيءَ سان ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويا. ڏاڪڻ جو گيٽ بند ڪري تالو لڳايو ويو. جمنا پُٽ-نونهن جي آرتي اُتاري. گهر ۾ گهري ٻنهين ماءُ پيءُ جا پير ڇُهي آشيرواد ورتي. جمنا نونهن کي گلي لڳايو. رتن ياءُ-ياجائيءَ کي پيري پيو. ساجن کيس گلي لڳايو. پِريا بہ کيس ٻانهن ۾ پري سندس مٿو چُميو.

ساجن پِريا هٿ مُنهن ڌوئي ڪپڙا بدليا. رسوئي ڊائننگ ٽيبل تي لڳائي ويئي هئي. پنڃن ئي گڏجي رسوئي ڪاڌي. ساجن پريا سڄي ڏينهن جي سفر ڪري ٿڪل هئا. رسوئي کائي پنهنجي ڪمري ۾ ويا. ڪمري کي سُهاڳ رات جيان سجايو ويو هو. ساجن پِريا کي لڳو اڄ سندن سُهاڳ رات هئي. بستري تي ٻئي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ سمائجي ٻہ بدن هڪ جان ٿي ويا. مُدت کان پوءِ ٻئي سڪوُن جي ننڊ سُمهيا.

صبوح جو ٻئي دير سان اُٿيا. سنان ڪري تيار ٿي ٻاهر نڪتا. پِريا سَسُ سُهري کي پيري پئي. پِريا سَسُ کي چيو- ''اَمڙ، مونکي پوڄڻ ناهڻ نہ ايندو آهي، توهان مونکي سيکارجو. پوءِ آءٌ سڀ سنڀالي وٺندس.''

جمنا چيس- ''پهريائين اِهو ٻڌاءِ تہ تون ايتري صاف سنڌي ڪيئن ٿي ڳالهائي سگهين؟''

ائيڪ اِسٽيشن جي پارڪنگ ۾ بيهاري چابي سُپرا ۾ ڦٽي ڪري ڇڏجو.''

ستيش دوستن کي سمجهائي خود بہ اِمتحان ڏيڻ هليو ويو. امتحان ختم ٿيڻ کانپوءِ ساجن ۽ پِريا کي ڪُجھہ دير رُڪڻ لاءِ چيو. پاڻ ٻاهر نڪري ويو. اچي ڏٺائين صبوح وارا دوست اڳ اُتي ئي مؤجود هئا. اُنهن مان هڪ کي سڏي پُڇيو، ''روي ڪوئي شڪي ماڻهو تہ نظر نہ آيو؟''

روي- ''نہ، ڀائو، توهان هن کي وڃڻ ڇو ڏنو؟''

ستيش پوليس جي سپرد ڪيانس ها تہ توهان جي خلاف مارڪُٽ جو ڪيس داير ٿئي ها. ٻيو ساجن ۽ پِريا جو بہ نالو ظاهر ٿئي ها. پوليس ڪين بيان ڏيڻ لاءِ گهرائي ها. هڪ تہ سندن اِمتحان ڏيڻ ۾ خلل پوي ها ٻيو سندن اُجين ۾ مؤجودگي جڳہ ظاهر ٿي پوي ها، اِن سان سندن حفاظت خطري ۾ پئجي وڃي ها.''

روي- ''ڪنهن ڪرايو هوندو حملو؟''

ستيش- ''منهنجي ويچار ۾ پِريا جي پيءُ ساجن کي مارائڻ جي سوپاري ڏني هوندي. هوُ پِريا سان شادي ڪرڻ جي ساجن کي سزا ڏيڻ چاهيندو هوندو. پِريا کي خبر هئي تہ پٽس ڪيس ساجن سان شادي ڪرڻ جي اِجازت نہ ڏيندو اِن ڪري تہ ٻنهين لِڪي شادي ڪئي.''

روي- ''حملاور نيمينچد وٽ ضرور ويو هوندو، ڪيس ٻُڌايو هوندائين تہ هوُ پنهنجي مقصد ۾ ناڪام رهيو هو.''

ستيش- ''جنهن نموني موچڙا کائي ويو آ، فورن نيميچند وٽ نہ ويو هوندو، ٿي سگهي ٿو سانس فون تي ڪانٽئڪٽ ڪيو هجائين.''

روي- ''ڀائي، گهايل شير خطرناڪ ٿيندو آهي. هاڻي اسان کي

ڇوڪرا- ”هن کي پوليس جي حوالي ڇا ڪريون.“

ستيش منع ڪئي. بدمعاش کان پڇيائين، ”ڪنهن موڪليو هيئه؟“

بدمعاش چُپ رهيو.. هڪ زوردار ٿڦ سندس ڳل سان ٽڪرائي پوءِ به هوُ چُپ رهيو. ستيش تمنچو ڪٽي سندس لوَندڙيءَ تي رکي چيو، ”ٻُڌاءِ نه ته گهوڙو دٻائي تمنچو تنهنجي هٿ ۾ ڏيندس. پوليس سمجهندي تو خودڪشي ڪئي آ.“

غنڊي چيو- ”مونکي ساجن کي مارڻ جي سوپاري ڏني ويئي هئي. مونکي ٻُڌايو ويو ساجن اِمتحان ڏيڻ ايندو. پريا جو فوٽو ڏيکاري چيائون جيڪو ڇوڪرو پريا سان گڏ ڏسين اُن کي قتل ڪجانءِ. پريا ڪار مان لٿي مون فوٽو ڪڍي ملايو. وري ساجن لٿو ته مون سمجهيو اُن کي ئي قتل ڪرڻو آهي، آءٌ ٽرئگر دٻايان اُن کان اڳ ئي جهلجي پيس.“ هُن سوپاري ڏيڻ واري جو نالو ٻُڌايو ستيش کي نالو صحيح نه لڳو. ساٿين کي چيائين- ”تلاشي وٺوس.“

تلاشيءَ ۾ غُنڊي جي جيب مان رامپوري چاقو نڪتو. جورابن ۾ لڪايل هڪ ٻيو به چاقو مليو. چاقو پنهنجي قبضي ۾ ورتائون. ستيش غُنڊي کي چيو- ”دفا ٿيءُ. وري نظر آئين ته جان کان ويندين.“

بدمعاش جيب مان چابي ڪڍي پرسان رکيل بائيڪ ۾ لڳائي. ستيش چابي ڪڍي پاڻ وٽ رکي چيائينس- ”بائيڪ اِتي ئي رهڻ ڏي.“

بدمعاش هڪ آٽو واري کي روڪيو. گاريون بڪندو اُتان هليو ويو.

ستيش هڪ دوست کي چيو- ”ڪٽيءِ چاقن تان رومال سان آڱرين جا نشان مِٽائي ڪچري جي دٻي ۾ ڦٽي ڪري اچو،

ي بہ تياري ڪرڻي اٿوَ، ڄاڻان نہ ٿي ڇا. روز ستيش کي دير
ت تائين جاڳندو ڏسندي آهيان.''
ساڄن پريا ٻئي ڪمري ۾ ويا. وڃڻ سان وڃي بستري تي ليٽيا.
ڪ ۽ اوجاڳي جي ڪري ليٽڻ سان ننڊ اچي وين.
دير شام جو ستيش ساڄن جي گهر وڃي ساڄن ۽ پريا جا ڪتاب،
ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان کڻي آيو. پريا جي من ۾ ڏپ ويهڄي
يو هو. ماءُ کي فون ڪري ٻڌايائين، ''ماں، آج ساجن پر حملي
ڪي ڪوشش ڪي گئي ٿي، يي تو ستيش ڀئيا ني ستڪرتا برت
ڪي ٿي ورنا انرٿ هو جاتا.''
ڪُمدني- ''ڪهان سي بول رهي هو بيٽي؟''
پِريا- ''اُجين ۾ هِي هئين، اِمتحان ديني آئي هئن، پاپا ڪو
معلوم هوگا تيي تو.''
ڪُمدني- ''بيٽي ڪئسي وڊنمبنا هئہ يي. توُ يهان هئہ، مئن
تيرا مُنهن ديکني ڪو ترس رهي هون. نہ تُمهاري پاس آ سڪتي
هوُن، نہ تُمهين اپني پاس بُلا سڪتي هون.''
پِريا- ''ساجن ڪو تو مئني چُنا هئہ، مروانا چاهتي هئن تو
مجهي مروا دين، ميري سُهاڳہ ڪي پيڇي ڪيون پڙي هئن؟''
ڪُمدني- ''بيٽي، وي نردئي اوشيہ هئن پر وي ڪِسيڪي هتيا
نهين ڪروا سڪتي.''
پِريا- ''اؤر هماري ڪسي سي ڪيا دُشمني هئہ، جو ساجن پر
حملا ڪروائيگا؟''
ڪُمدني- ''ڪيا پتا؟ پوڇونگي اُنسي.''
پِريا- ''مت پوُڇنا ماں، ناحق تُم پر ناراض هونگي.''
نيميچند جيڪو پرسان اچي چُڪو هو، ڪُمدنيءَ کان
پُڇيائين، ''ڪسڪا فون ٿا ڪيا پوڇوگي مُجهسي؟''

وڏيڪ سُڃاڻڻ رهڻو پوندو.“

”سو ته آهي. توهان هاڻي وڃو، آءٌ ڀنهين کي گهر ڇڏ ڇو ڏي وڃان.“

”پائي توهان وڃو، اسين پوءِ وينداسين.“

”شُڪريه دوست، توهان جو اِهو احسان نه ڀُلنداسين.“

”ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو؟ اِهو ته اسان جو فرض هو.“

ستيش پريا ۽ ساجن کي پنهنجي گهر وٺي ويو. ساجن ٽوڪيس- ”ستيش تون اسان کي هتي ڇو وٺي آيو آهين؟“

ستيش- ”امتحان ٿي وڃڻ تائين توهان ٻئي هتي رهندءُ. پنهنجي گهر ۾ رهڻ توهان ڀنهين ۽ توهان جي پريوار جي لاءِ رسڪ آهي.“

ساجن- ”ليڪن.“

ستيش- ”ليڪن ڇا؟ دوست آهين منهنجو. هتي رهڻ ۾ سنڪوچ ڇا جو؟ توهان ڀنهين جا ڪپڙا ۽ ڪتاب شام جو آڻي ڏيندوسانوَ.“

ستيش ڀنهين کي گهر اندر وٺي ويو. ماءُ کي ڇيائين- ”امان ساجن کي ته سڃاڻين، هيءَ پريا پاپي آهي. ٻئي ڪُجهه ڏينهن هتي رهندا.“

ماڻس چيو- ”اچو ٻار. هن کي پنهنجو گهر ئي سمجهو. ستيش ۽ ساجن ۾ ڀائرن کان وڌيڪ قرب آهي. ستيش ڀنهين کي الڳ ڪمري ۾ وٺي وڃ. آءٌ توهان جي لاءِ ناشتو ناهي ٿي اچان.“

پريا- ”امان، توهان تڪليف نه ڪريو، هاڻي اسان کي ٻُک ناهي.“

”ڏيءُ، امان به ٿي چئين، لڄ به ٿي ڪرين. ڪُجهه ڪائي پي آرام ڪيو. دير رات تائين پڙهيا هوندءِ. وري سُڀاڻي جي اِمتحان

ب اُسڪا شُڀ سوچوگي؟''

''ائسي اُميد مت ڪرنا مُجهسي.''

ڪُمدني ڪمري ۾ وڃي پِريا کي فون ڪري ٻُڌايو ته حملو
ٽس نه ڪرايو هو. اِها ڪارستاني اُن جي ٿي سگهي ٿي جنهن
ان تنهنجو رشتو جُڙڻ وارو هو. ڀڳوان ڪا لاکه شُڪر ڪِ اُسني اُس
للاد سي تُجهي بچا ليئا بيٽي، وهه آگي ڀي حملاور ڀيڄ سڪتا
ئه. اِنجان لوگون سي تُمهين اڏڪ ساوڌان رهني ڪي آوشيڪتا
ئه.''

پِريا- ''ممي همين ائسي آشنڪا ٿي. هم پوري ساوڌاني برت
هي هئين. آپ چنتا نه ڪرين.''

''بيٽي، چنتا ڪئسي نه ڪرون، تيرا ڀاڳيه تيري پتي سي
ڙ چُڪا هئه.''

''ممي، هم پوري ساوڌاني برت رهي هئن. آپڪا آشيرواد
ماري ساٿ هئه. ايشور ميري سُهاڳه ڪي رڪشا ڪريگا.''

ساڄن پِريا جي پرسان وينو هو. ماءُ ڌيءُ ٻنهين جون ڳالهيون
ڌائين. وچي سڀ ستيش کي ٻُڌايائين. ٻُڌي ستيش به فڪرمند
ي ويو. ساڄن کي چيائين- ''دوست تون فڪر نه ڪر. اسين پوري
حطيات ورتي رهيا آهيون.''

ستيش رويءَ کي چئي ساڄن جي گهر وٽ به چوڪسي ڪرائي
ڇڏي. ڪيس هدايت ڪيائين ته واردات ٿيڻ جو اِنتظار نه ڪن.
ڪير به شڪي ماڻهو نظر اچين ته اُن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪن.
اُن سان مارڪُٽ ڪرڻ بجاءِ ڪيس پرنسيپال وٽ وٺي وڃن، هوُ
ڪين پوليس جي حوالي ڪندو. پوليس اُن کان اوڳرائيندي ته
ڪين ڪنهن موڪليو آهي. آءٌ پرنسيپال سان اِن باري ۾ ڳالهائي
ڇڏيندس.''

ڪُمدني- ”ڪُڇ نهين جي.“

نيميچند اکين مان اُلا وسائيندي پُڇيس، ”سچ بتا، ڪسڪا فون ٿا؟ ڪيا ڪهه رهي ٿي پوڇڻي ڪو؟“

ڪُمدنيءَ ڏڪندي چيس- ”پِريا ڪا فون ٿا، داماد پر...“

نيميچند چلائي چيس- ”مت ڪهه اُسي داماد، ڪيا هوئا ٿا اُس نالائق ڪو؟“

ڪُمدني- ”اُس پر پراڻگهاتڪ حملا هوئا ٿا.“

نيميچند- ”مر گيا؟“

ڪُمدني- ”ڪئسي باپ هو؟ بيٽي ڪي سُهاڳ ڪي ليئي ائسي اشڀ بات ڪرتي هو؟“

”ميري ليئي وهه اُس دِن مر گئي ٿي، جِس دِن اُسني گهر ڪي چؤڪٽ لانگهه وجاتيه سي شادي ڪِي ٿي. ڪيا ڪهه رهي ٿي ڪِ حملا مئني ڪروايا ٿا؟“

”پِريا ڪيا ڪوئي ڀي يهي سمجهيگا.“

”ڪُمدني يي سچ هئه ڪِ مئن پريا سي ناراض هوُن، بيحد ناراض هوُن. اُسي ڪڀي معاف ڀِي نهين ڪرونگا. پر مئن ڪسيڪي هتيا نهين ڪروا سڪتا.“

”ڦر ڪؤن هو سڪتا هئه جي؟“

”مُجهي لگتا هئه جس لڙڪي سي پِريا ڪي سگائي هوني والي ٿي، اُسيني بدلا ليني ڪي ليئي حملا ڪرايا هوگا.“

”هي رام، ذرا سوچو ائسي هتياري سي رشتا جُڙتا پِريا ڪا، تو ڪيا گت هوتي اُسڪي.“

”بتا دينا اُسي. مگالتي ۾ نه رهي، وهه ڦر سنڌي پر حملا ڪروا سڪتا هئه.“

”ڪب پسيجيگا دل تُمهارا، ڪب بيٽي ڪو شما ڪروگي؟

و اِنتظام ڪري. رويءَ وجي ڪين ڏوهاريءَ جي ڪار ڏيکاري.
پوليس ڏوهارين کي ڪوتواليءَ وٺي ويئي. ڪار بہ گهرائي
ر تائون.

جاچ ڪرڻ تي پوليس کي پتو پيو تہ ڪار رتلام جي ڪنهن
سڪلال ناٿانيءَ جي هئي. هڪ ڏينهن اڳ ڪار جي چوري ٿيڻ
جي رپورٽ ٿاڻي ۾ لکائي ويئي هئي.

پوليس جي سختيءَ سان هڪ جڻي سچائي بيان ڪئي. ساجن
جي مارڻ جي سوپاري رسڪلعل جي پُٽ ڪشوريلعل ڏني هئي.
ڪار بہ ڪشوريلعل ڪين ڏني هئي. چوريءَ جي ڪوڙي رپورٽ
لکائي هيائين.

پوليس ٽيم رتلام وڃي ڪشوريلعل کي گرفتار ڪيو. رسڪلعل
پنهنجي رسوخ ۽ پئسي جو ڀرپور اِستعمال ڪيو پر چاڪاڻ تہ
معاملو ڪاليج جي شاگرد تي حملي جو هو، رسڪلعل پُٽ کي
گرفتاريءَ کان بچائي نہ سگهيو. معاملو ميڊيا ۾ وائرل ٿيڻ سان
سُرخين ۾ اچي ويو جنهن ڪري ڪشوريءَ جي مُشڪل وڌي ويئي.

ايس. پيءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪشوريءَ کان پڇا ڳاڇا ٿي.
ڪشوريءَ قبول ڪيو تہ ساجن کي مارائڻ جي سازش رچي هئائين.
سبب ٻُڌايائين تہ سندس رشتو اِندور جي ڪروڙپتيءَ جي اڪيلي
وارث ڌيءَ سان جُڙڻ وارو هو. ساجن پِريا سان شادي ڪري سندس
آشائن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. بدلو وٺڻ لاءِ هوُ ساجن کي مارائڻ
پيو چاهي.

پوليس ڪشوريءَ کي مکيہ ڏوهاريءَ ٻين کي سازش کي انجام
ڏيڻ جي ڪوشش جو ڏوهاري بڻائي ڪورٽ ۾ چالان پيش ڪري
ڇڏيني جو ۱۰ ڏينهن جو رمانڊ ورتو.

اِمتحان تہ نروگهن پورا ٿي ويا. سيني سڪون جو ساهہ ڪنيو.

۽ ڏينهن ڪائي ڳهتنا نہ گهٽي. ٽئين ڏينهن ڪاليج وٽ هڪ شڪي شخص نظر آين جو اُتي چهل قدمي ڪري رهيو هو. ڪنهن وقت هوُ ڪُجهہ فاصلي تي بيٺل هڪ ڪار تائين ٽي ويو ۽ اُتان موٽ ٽي ڪاڏائين. رويءَ کي شڪ پيو. ڪيس لڳو ڪار ۾ بہ اُن جا ساٿي موجود آهن. رويءَ دوستن کي ٻُڌايو. چار ڄڻا ٻن اِسڪوٽرن تي راڻي سراءِ کان چڪر ڪاٽي ڪار کان ڪُجهہ فاصلي تي اچي رُڪيا. اِسڪوٽر پارڪ ڪري ڪار تي ۽ اُن شخص تي نظر رکڻ لڳا.

رويءَ ۽ سندس هڪ ساٿيءَ شڪي آدميءَ کي وڃي جهليو. هڪ ڄڻو ڪار مان لٿو پستول ڪڍي رويءَ تي تاڻيائين. اچانڪ هاڪي سندس هٿ سان ٽڪرائي. هوُ پاڻ سنڀالي اُن کان اڳہ ٻن ڄڻن ڪالر کان جهليس. ٽئين ڄڻي بہ اُن کي سوگهو ڪيو. چوٿين ڪار ۾ ويٺل هڪ شخص کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. چاٻي ڪڍي ڪار جي گيٽ بند ڪيائون، ٻنهين کي پڪڙي پرنسيپال جي آفيس ۾ وٺي ويا. هڪ کي روي ۽ سندس دوست ڀريائين اُتي وٺي ويا هئا. پرنسيپال چين پوليس جي اچڻ تائين تنهين کي پڪڙي رکو.

پرنيسپال سينٽر ڪوتواليءَ فون لڳائي ڳهتنا جي ڄاڻ ڏني. ايس. پيءَ کي چيائين ڏوهارين کي پڪڙي وڃڻ لاءِ پوليس موڪلي.

فون ڪاليج جي پرنيسپال جو هو. ايس. پي. فورن هڪ اِنسپيڪٽر ۽ ٻن ڪانسٽيبلن کي روانو ڪيو. پوليس اچي تنهين ڏوهارين کي ڪسٽڊيءَ ۾ ورتو. رويءَ اِنسپيڪٽر کي ڏوهارين جي ڪار جي ڄاڻ ڏني ۽ چاٻي ڏني.

اِنسپيڪٽر پرنسيپال جا شُڪريا ادا ڪيا. پرنسيپال اِنسپيڪٽر کي چيو تہ ايس. پي. صاحب کي چئجو تہ ڪاليج تي سِڪيورٽيءَ

ي ويندس پوءِ بہ هوُ ساجن جو پتو لڳائي نہ سگهندو.“
ستيش- ”ٻُڌاءِ ڪير ڏيندو ساجن کي نوڪري؟“
راهول- ”منهنجو پُٽڙ اِندور نگر نگم جو ڪمشنر آهي، اُهو ڪيس
ڪري ڏيئي سگهي ٿو. رهڻ لاءِ مسواڙ جي جڳهہ بہ ملي ويندس.“
”وڃ اِندور، ڪر ڪوشش.“
”ساجن کي بہ هلڻو پوندو.“
”ڪڏهن وڃڻ چاهيندءُ؟“
”سُڀاڻي.“
ساجن- ”آءٌ وڃڻ لاءِ تيار آهيان، آءٌ اڄ ئي گهر ويندس،
بيستائين ڪوئي انتظام ٿئي، پريا گهر ۾ ئي رهندي.“
ستيش- ”ٺيڪ آ.“
روي- ”هاڻي اسين هلون؟“
ستيش- ”اِئين ڪيئن هلون؟ چانهہ ناشتي کانپوءِ وڃجو.“
چانهہ ناشتي کانپوءِ سڀ روانا ٿي ويا. ستيش ساجن ۽ پريا کي
سندن گهر ڇڏي آيو.
پُٽ نونهن کي آيل ڏسي جمنا نري پيئي. دوارڪاداس ۽ رتن
ڏڪان تي هئا.
ٻئي ڏينهن ساجن راهول سان گڏ اِندور روانو ٿي ويو. اِندور
پهچي ٻئي راهول جي پُٽڙ راجيشڪمار جي گهر ويا. راجيش
ڪمار گهر ۾ ئي موجود هو. راهول پُٽڙ پُٽڻيءَ کي پيري پيئي
ساجن جي واقفيت ڏني ۽ اچڻ جي وجهہ ٻُڌائي. ساجن ٻنهين کي
هٿ جوڙي نمستي ڪئي.
راجيشڪمار- ”آءٌ ساجن کي نوڪري تہ ڏيندس پر رهڻ جو
اِنتظام ڪيس خود ڪرڻو پوندو. فلحال ڪيس ڪلارڪ جي نوڪري
ملندي. رزلٽ اچڻ کانپوءِ ڪيس پرموٽ ڪري اڪائونٽ سيڪشن

ساجن ۽ پريا اچا بہ ستيش جي گهر هئا. هوُ پنهنجي گهر وڃڻ چاهين پيا. ستيش کي لڳو خطرو ٽريو ناهي. ڪشوريءَ کي ضمانت ملي سگهي ٿي. هوُ ساجن ۽ پريا جي سرڪشا لاءِ فڪرمند هو. هن ويچار ڪرڻ لاءِ دوستن جي پنهنجي گهر ميٽنگ سڏائي.

سيني جي هڪ راءِ هئي تہ ساجن ۽ پريا کي فورن اُجين ڇڏڻ گهرجي. مگر ڪيڏانهن وڃن ۽ اُتي وڃي ڇا ڪندا. امتحان جو رزلٽ اچڻ ۾ دير هئي. ٻنهين کي ڪائي ڍنگ جي نوڪري بہ نہ ملي سگهندي.

ستيش- ”اِهو ئي تہ مسئلو آ، رهڻو بہ ٻنهين کي گمنام آ. ٻئي ڪٿي ٿا رهن، اِن جي سُڌ ڪنهن کي بہ نہ لڳڻ گهرجي. ٻنهي جي گهر وارن کي بہ نہ.“

روي- ”توهان ئي ڪُجهہ سُجهايو.“

ستيش- ”مونکي ڪُجهہ بہ نٿو سُجهي.

راهول- ”مونکي سُجهي ٿو. ساجن کي نوڪري بہ ملي ويندي، رهڻ جو ٺڪاڻو بہ. پر ٻئي گمنام نہ رهي سگهندا.“

”ڪٿان جي ٿو ڳالهہ ڪرين؟“

”اِندور جي.“

”اِندور رتلامَ اُجين ٻنهين کي ويجهو آهي.“

”ٻئي ڪنهن وٽ آهي ڪوئي حل؟“

سڀ چُپ رهيا.

”اِندور وڏو شهر آهي. ڪنهن کي ڪنهن سان ڪوئي سروڪار نہ رهندو آهي. بنا مطلب جي ڪير ڪنهن سان نہ ڳالهائيندو آهي نہ ڪيڏانهن نهاريندو آهي.“

روي- ”ستيش ڀئيا راهول نيڪ ٿو چوي. اول تہ ضروري ناهي تہ ڪشوريءَ کي ضمانت ملي، ضمانت جي ڪوشش ۾ ئي مهنا

ڃوائن ڪئي. شام جو مڪان مالڪ کي ڪِرايو ڏيئي رسيد
رتائين. مڪان مالڪ کي عرض ڪيائين تہ مڪان جو رنگہ روغن
ڪرائي ڏيو. ساڄن روز اپ ڊائون ڪرڻ لڳو. مڪان رهڻ لائق ٿيو
ـہ ہہ پلنگہ خريد ڪري رکيائين. آرتوار ڏينهن ڪپڙا، لٽا، هنڌ،
رتن ۽ ضروري سامان سميت پريا کي وٺي اچي گهر ۾ رهيو.
سچو ڏينهن ناهہ جوڙ ۾ لڳي وين. هيِ پهريون موقعو هو جو پريا
ئين گهر ۾ اڪيلي رهڻ لڳي. گهر جو سمورو ڪم خود ڪرڻ
لڳي. ساڄن صبوح جو ڊيوٽيءَ تي ويندو هو تہ شام جو گهر موٽندو
ـو. گهر جو ڪم وڏيڪ هئو نہ، ہہ ئي تہ ڀاتي هئا. ڪم کان فارغ
ٺي اڪيلائپ ۾ پريا بور ٿي پوندي هئي. اُن وقت کيس ماءُ جي
شدت سان ياد ايندي هئي. دل جو درد اکين مان ٽپڪڻ لڳندو
هوس. ساڄن جي سامهون خوش نظر ايندي هئي. پريا ساڄن جي
سامهون ڪيترو بہ خوش نظر اچي پر ساڄن پريا جي من جي پيڙا
کي محسوس ڪندو هو، کيس افسوس ٿيندو هو تہ نازن ۾ پليل
پريا جو کهڙو بُرو حال ڪري ڇڏيو هئائين. من ۾ پريا سان شادي
ڪرڻ تي افسوس ٿيندو هوس، کيس پنهنجي پريشانيءَ جي رتي
ير بہ پرواهہ نہ هئي. پر پريا جي حالت ڏسي دل دُکي ٿيندي
هيس. حالانڪ پريا ساڄن سان گڏ خوش هئي.

اڪيلائپ ۾ جڏهن پريشان ٿيندي هئي تہ ستار ڪٺي وڄائڻ
لڳندي هئي. سڀ دُکہ درد ڀُلجي ويندي هئي. ساڄن سوچيندو
هو، پگهار جو وڏو حصو مڪان ڪِرائي ۾ نڪري ٿو وڃي. بجليءَ
جو بل، هن گهٽ پگهار مان هوُ پريا کي اٽاٽ واري زندگيءَ مان
ڇوٽڪارو ڏياري نہ سگهندو. رشوت جي باري ۾ تہ سوچي بہ نٿي
سگهيو. وري بہ شڪر هو جو کيس شراب، سگريٽ، گُٽڪي جي
ڪائي هير نہ هئي. کين ڪڏهن بُکيو رهڻو نہ پيو هو، ساڄن چاهي

۾ هيڊ ڪلارڪ ڪري رکيو ويندو.''
ساجن- ''ٿئنڪيوُ سر. رهڻ لاءِ آءٌ ڪوئي بندوبست ڪري وٺندس.''
راجيش- ''برخوردار، سر آفيس ۾. هتي تون راهول جهڙو عزيز آهين. آءٌ تنهنجي رُڪڻ جو بہ انتظام ڪري ٿو وٺان.''
راجيش سنڌي پارشد هيمناٿيءَ کي فون ڪري گهر اچڻ لاءِ چيو. هيمناٿيءَ جي اچڻ کان اڳ پُٽڻيءَ راهول ۽ ساجن کي ناشتو ڪارايو. چانهہ هيمناٿيءَ جي اچڻ تي سيني گڏجي پيتي.
راجيش هيمناٿيءَ کي ساجن کي ڪوئي ڪرائي جو افورڊيبل گهر وٺي ڏيڻ لاءِ چيو. هيمناٿيءَ چيس- ''نو پرابلم سر اڄ ئي ٿو وٺي ڏيانس.''
راهول ساجن کي چيو، ''آءٌ هلان ٿو، تون اچي وڃجانءِ.''
راجيش ٽوڪيس- ''ڪيڏانهن ويندين سالا صاحب؟ ايتري وقت کان پوءِ آيو آهين اڄ رڪو، سُياڻي وڃجو.''
راهول- ''جيجوُ رُڪڻ جي تياريءَ سان نہ آيو آهيون. ٻئي دفعي اچي رُڪندس. اڄ شام تائين رُڪان ٿو.''
راجيش- ''ساجن بيٽا، مڪان طيءِ ڪري هتي اچجانءِ، لنچ ڪائي شام جو ٻئي واپس وڃجو.''
ساجن- ''جيڪا آگيا، هلان ٿو.''
ساجن هيمناٿيءَ سان گڏ سندس اِسڪوٽر تي ويو. ٻئراني ڪالوني نمبر ٢ ۾ هڪ مڪان ڪِرايو ڳالهئي ور تائين. مڪان پُراڻو هو، ليڪن سهوليت پريو هو. مڪان مالڪ کي چيائين- ''آءٌ پريهين اچي ائڊوانس ڪِرايو ڏيندس تيستائين توهان مڪان جي صفائي ڪرائي رکجو.''
ٻن ڏينهن کانپوءِ ساجن نگر نگم ۾ اپائنٽمينٽ ليٽر وٺي ڊيوٽي

رهندو هو. هوُ ڪانئن پنهنجي گهر ۽ پريا جي ماءُ پيءُ جي باري ۾
ڄاڻ حاصل ڪندو رهندو هو. پنهنجي ۽ پريا جي باري ۾ ٻُڌائيندو
هوس. پنهنجي ڪُشلتا جي خبر پنهنجي ماءُ پيءُ تائين
پهچائيندو هو. پنهنجي دوستن جي باري ۾ بہ خبرچار وٺندو
رهندو هو.

شام جو وقت هو پريا جو من ستار وڄائڻ تي ٿيو. ڪُجهہ دير
کان پوءِ ساجن اچڻ وارو هو. هن دروازو بند نہ ڪيو هو، ٻيڪڙي
رکيو هئائين. هوءَ ستار کڻي وڄائڻ لڳي. ستار جي جهنڪار ۾ لين
ٿي ويئي، اکيون ٻوُٽجي ويس.

ستار جي جهنڪار ٻُڌي پاڙي جي ڇوڪرِي ڪويتا پاڻ کي
روڪي نہ سگهي، پريا جي پرسان وڃي ويٺي ۽ ستار جي جهنڪار
ٻُڌندي رهي. ڪويتا ستار وڄائڻ بند ڪيو. اکيون کوليائين تہ
سامهون ويٺل هڪ اجنبي ڪنيا کي ڏسي حيران ٿي ويئي.

ڪويتا چيس- ”پاپي منهنجو نالو ڪويتا آهي، آءٌ توهان جي
پاڙي ۾ رهندي آهيان. ستار جي مڌُر ڌُن ٻُڌي پاڻ کي روڪي نہ
سگهيس، بنا اِجازت توهان جي گهر اچڻ لاءِ آءٌ توهان کان معافي
ٿي وٺان.“

”سُنو ڪيئہ جو آئينءَ، توکي ستار وڄائڻ سُنو لڳندو آهي؟“

”اڄ پهريون دفعو ٻُڌم، هاڻي دل چاهي ٿي روز ٻُڌندي رهان.“

”آءٌ روز نہ وڄائيندي آهيان، جڏهن من ڪندو آهي تہ
وڄائيندي آهيان.“

”پاپي توهان جي گهرَ ايندي ڪريان؟“

”ايندي ڪر، مونکي سُنو لڳندو.“

”توهان روز ستار وڄائيندءُ؟“

”جڏهن من ڪندو.“

ها تہ گھران جيترو چاهي گھرائي سگھيو ٿي پر سندس ضمير اِجازت نہ ڏنس. سوچيندو هو، رزلٽ اچڻ ڪانپوءِ حالتن ۾ بدلاءُ اچي ويندو تيستائين ائڊجسٽ ڪري هلڻو آ. ساڄن جي ماءُ پيءُ کي ڪائي خبر نہ هئي تہ ساڄن ڪٿي آ، ڇا ٿو ڪري، ڪڏهن فون بہ نہ ڪندو هون. هوُ چاهيندي بہ نونهن پُٽ جي ڪائي مدد نٿي ڪري سگھيا.

ساڄن هڪ ڏينهن پِريا کي چيو- ”مون توسان وڏو انياءُ ڪيو آ، مونکي توسان شادي ڪرڻ نہ کپندي هئي.“

پِريا- ”هيءُ اڄ کھڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو؟“

ساڄن- ”پيار ڏيڻ چاهيندو آهي، وٺڻ نہ. مون توکان تنهنجون خوشيون، سُکہ چئن کسيو آهي، بدلي ۾ توکي ڇا ڏنو آهي؟ ڏُکن واري زندگي، اڪيلائپ، اُداسي ۽ تنهائي.“

پِريا- ”پليز، بس ڪر نہ تہ آءٌ روئڻ لڳندس. تڪليفون تہ منهنجي طرفان آيون آهن. تنهنجي ماءُ پيءُ تہ مونکي اپنايو، منهنجي پيءُ ئي اسان جي رشتي کي ٺُڪرايو. ڏُکي تہ مون ڪيو آهي توکي، تو تہ مونکي پرپور پيار ڏيئي نهال ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ڪري ئي پنهنجو گھر، ڏنڏو ڇڏي هتي نوڪري ڪري رهيو آهين. منهنجي ڪري ئي تہ؟ ڏُکي تہ مون توکي ڪيو آهي تو تہ مونکي پيار ئي پيار ڏنو آهي.“

ساڄن- ”پِريا، اڄ اسين ڪيڏانهن گُهمڻ ٿا هلون. روٽي بہ ٻاهر ڪائي ايندا‌سين.“

پِريا- ”اسين ڪيڏانهن بہ نہ ويندا‌سين، ڪائي فضول خرچي ناهي ڪرڻي، تون هٿ منهن ڌوءُ، آءٌ چانهہ ناشتو ڪٽي ٿي اچان.“

ساڄن پِريا اِن نموني هڪ ٻئي لاءِ قرب ڏيکاري سڀ ڏُکہ درد ڀُلجي ويندا هئا. ساڄن جو موبائيل ذريعي ستيش سان رابطو

”مونکي ڇو ٿا ڏيو؟“
”تون گهرڏياڻي آهين، توکي نہ ڏيان تہ ڪنهن کي ڏيان؟“
”ڪمائين تون، حق منهنجو؟“
”تو لاءِ ئي تہ ڪمايان ٿو.“
”مسڪو ٿو مارين؟“
”غرض هوندي آ تہ مسڪو مارڻو ئي پوندو آ.“
”ڪهڙي غرض اٿئي؟“
”اڄ وات ڦڪو ڦڪو ٿو لڳي، مٺو ڪراءِ.“
ساڄن شرارت ڀرين نظرن سان پريا کي ڏسڻ لڳو. پريا سندس منشا سمجهي ويئي. چيائينس- ”دروازو کُليل آهي.“
ساڄن چيس- ”دروازو بند ڪري آيو آهيان.“
پريا ساڄن جي ويجهو وڃي پنهنجا چپ ساڄن جي چپن سان ڇهائي هٽي ويئي. ساڄن ڪيس ٻانهن ۾ جڪڙي چيس ”اڄ صرف چکڻ سان ڪم نہ هلندو، اڄ پورو ترپت ٿيڻ ٿو چاهيان.“ هن پنهنجا لب پريا جي لبن سان سٽائي ڇڏيا.
ساڄن پريا جو سُنو وقت ڪٽجي رهيو هو. اوچتو پريا کي ماءُ جي ياد اچي وئي. هوءَ وري اُداس ٿي ويئي. ساڄن چيس- ”هل اڄ اُجين ٿا هلون.“
پريا چيس- ”ڪهڙو فائدو؟ صبوح جو هلي شام جو موٽي اچون.“
”سڀاڻي آرتوار آ، منگل جي بہ موڪل آ، سومر جي موڪل ٿو وٺان، ٽي ڏينهن ٿيندا. سڀاڻي صبوح جو جلد هلي منگل شام جو موٽي ايندا سين.“
”ڪوئي خطرو تہ ڪونهي؟“
”ڪيترو وقت ڊجي گُذاريندا سين؟“

ڪويتا هبڪندي لڄائيندي چيس، ”پاپي توهان مونکي ستار وڄائڻ سيکاريندءُ؟“

”سکڻ چاهين. ٿي تون؟“

”ها پاپي، توهان سيکاريندءُ؟“

”روز وقت ڪڍي سگهندينءَ؟“

”ڪڍندس، سيکارڻ جو ڇا وٺندا توهان؟“

”پريا کِلي چيس- ”هڪ وچن.“

”ڪهڙو وچن؟“

”ڪلا ساڌنا، آراڌنا ٿيندي آهي اُن کي ڪمائيءَ جو ذريعو نہ بڻائجانءِ.“

”وچن ٿي ڏيان، ستار ڪڏهن بہ ڪمائيءَ جي لاءِ نہ پر فقط من جي ترپتيءَ لاءِ ئي وڄائيندس.“

”سُپاٽي ڪان اچجانءِ.“

”هلان ٿي.“

”ترس، ساجن اچڻ وارو آ، اُن لاءِ چانهہ ٺاهيندس، چانهہ پي پوءِ وڃجانءِ.“

”رُڪان ٿي، پئيا سان بہ مُلاقات ٿي ويندي.“

ڪويتا جي روپ ۾ پريا کي هڪ سڪي سهيلي ملي ويئي. سندس اڪيلائپ دور ٿي ويئي. سندس وقت سُٺي نموني ڪٽجڻ لڳو. هوءِ اڪثر گهر جي ڪم ڪار ۾ بہ هٿ وٺائيندي هيس. پريا کي خوش ڏسي ساجن کي سُٺو لڳو.

هڪ ڏينهن ساجن کي پگهار ملي. پگهار اچي پريا جي هٿ ۾ رکيائين.

پريا پُڇيس- ”هي ڇاهي؟“

”منهنجي پگهار.“

ڇيائينس، ”ڇا ٿيو ڏيءُ، روئين ڇو ٿي؟“
پِريا سَسُ سان لپٽي روئيندي چيس- ”ماءُ جي ڏاڍي سِڪ لڳي
ٿي.“
جمنا چيس- ”پِريا، اسان جي طرفان تہ ڪائي روڪ ٽوڪ ناهي،
جي سگهندينءَ ماءُ سان ملڻ؟“
”اِها ئي تہ مُشڪل آ.“
”ڏيءُ ڪوئي اُپاءُ سوچيون ٿا، تنهنجي ماءُ گهر کان ٻاهر
ندي ويندي آ.“
”ڪڏهن ڪڏهن ممي مندر ويندي آ.“
”ڪهڙي مندر؟“
”گوپال مندر.“
”ماءُ کي چئہ تہ مندر اچي توسان ملي.“
”ممي شام جو واپس وڃڻو آ.“
”ساجن کي چونديس، ٻُڌر ڏينهن صبوح جو جلدي هليا وڃجو.
ٽلان ٿي، ماءُ سان ڳالهائي وٺ.“
پريا ماءُ کي فون ڪئي. پهريائين تہ ٻئي خوب رُنيون. پوءِ
ڳالهائي گوپال مندر وڃي ملڻ جو وقت طيءِ ڪيائون. طيءِ وقت
ٿي ٻئي مليو. پريا ماءُ سان لپٽي ويئي. ڪُمدنيءَ جي ڪليجي
کي ٿاڌل پهتي. پريا کي ڇاتيءَ سان لڳائي خوب پيار ڪيائين.
پوءِ هُن کان حال پُڇيائين.
پِريا چيس- ”ممي، مئن وهان بيحد خوش هون. ساجن ميرا
بُهت خيال رکتا هئہ. آپ سي ملني ڪو من ترس رها ٿا، آج ملڪر
وهہ آس ڀِي پوري هو گئي.“
”بيٽي، توُ ڪيا گئي هئہ، گهر سي هنسي خوشي هي روٺ
گئي هئہ.“

”رتن لاءِ ڪجھ وٺي اچو نہ.“

”رتن تہ توکي ڏسي ئي خوش ٿي ويندو. تنهن هوندي بہ ڪجھ وٺي ٿو اچانس.“

شام جو وقت هو، نيميچند دوارڪاداس وٽ ويو. تلخ لهجي ۾ پڇيائينس، ”کهان هئہ ميري بيٽي؟“

دوارڪاداس چيس- ”اِنڊور ۾ آهن، اِنڊور ۾ ڪٿي آهن اُن جي ڄاڻ مونکي بہ نہ آهي.“

”يگوڙا چپا ڦر رها هئہ، پتا نهين ڪِس حال ۾ هوگي ميري نازون ۾ پلي بيٽي.“

دوارڪاداس ڌيرج سان چيس- ”ظاهر هئہ ڪُڇ تو تڪليف ۾ هوگي، يهان جئسا سُکہ آرام اُنهين وهان کهان مل رها هوگا؟ ليڪن اِسڪي ليئي آپ دوشي هئن، ڪيا ڪمي ٿِي ساجن يا هماري پريوار ۾؟ هم سنڌي ڪمانا جانتي هئن تو خرچ ڪرنا ڀِي چانتي هئن. هم زندگي سُکہ آرام سي جيتي هئن آپ صرف جوڙنا جانتي هئن، مُجهي تو آپ سبِ سي غريب ويڪتي پرتيت هوتي هئن. ڪروڙن ڪي وارث آپڪي بيٽي آپڪو ڇوڙڪر چلي گئي هئہ، جس سمپتي ڪو جوڙني ۾ آپڪي عمر نڪل گئي، آپڪي آنکہ موندتي هي اُسي بيگاني لوگہ هٿياڪي عيش ڪرينگي.“

نيميچند کي دوارڪاداس جي ڳالھ دل ۾ نشتر وانگر چُڀِي ويئي. دل ۾ درد دٻائي اُتان هليو ويو.

اچانڪ پريا ساجن کي آيل ڏسي گهر جا ڀاتي بہ حيران ٿي ويا تہ بيحد خوش بہ ٿيا، بہ ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ گذري ويا. منگل ڏينهن پِريا پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي، ماءُ کي ياد ڪري دل دُکي ٿيڻ لڳس، پلڪون آليون ٿيڻ لڳس. اچانڪ جانڪي اُٺي ويئي. نونهن کي روئندو ڏسي گهٻرائجي ويئي، پرسان وجي

ڪُمدني- ”آئي ڪيون نهين اُسي ملني؟“
”آتا تو بيٽي ٻرڪي ماري پاڳ ڪڙي هوتي، توُ اُسي نيڪ
ي مل نهين پاتي.“
ڪُمدنيءَ نير وهائيندي چيس- ”خون ڪيي پاني نهين هو
ڪتا، بُلا ڪيون نهين ليتي اُسي يهان.“
”دوارڪاداس جيِ سي بات ڪر لونگا.“
”وو دونو آج هيِ اِندور جاني والي هئن.“
نيميچند دوارڪاداس کي فون لڳائي، پِريا جي باري ۾ پُڇيو،
يس نراشا ئي هٿ لڳي. دوارڪاداس ٻُڌايس، ساجن ۽ پِريا اِندور
ءِ روانا ٿي چُڪا هئا.
اِندور پهچي ساجن پِريا روٽين لائيف کي لڳي ويا. هاڻي پِريا
اداس نہ رهندي هئي. ماءُ سان ملڻ جي خواهش پوري ٿي هيس.
ڪويتا جهڙي ساهيڙي جي وندر حاصل هيس. پِريا کي خوش ڏسي
ساجن بيفڪر ٿي ويو.
پِريا جي زندگيءَ ۾ بهار اچي ويئي. هڪ ئي وقت سندس
جهوليءَ ۾ خوشيون اچي رهيون هيون. امتحان جو رزلٽ اچي
ويو. ساجن ۽ پِريا ٻئي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيا هئا. ساجن کي
پرموشن مليو. پگهار بہ وڌيس. اُن سان گڏ ذميواري بہ وڌي ويئي
هيس. گهر ۾ خوشحالي ايندي وين. گهر ۾ ضرورتن جون شيون
قسطن ۾ ايندیون وين. ٽي.وي.، فرج، واشنگ مشين آين. باقي
رهي ڪسر جمنا اچي پوري ڪين. رتن سان گڏ آئي هئي. نونهن
کي ڳهہ وٺي ڏيئي ويئي. ڪُجهہ گهر مان آندل پاتائينس. ڪم
ڪار لاءِ مائي لڳائي ڏيئي ويس. گهر جو فرنيچر ۽ اي.سي. وٺي
ڏيئي وين.
هاڻي ڳالهہ اُلٽي ٿي ويئي. پِريا کي گهڻو ڪم نہ ڪرڻو پوندو

”مان ميري ليئي اؤر ڪوئي راستا نهين بچا تا، نہ جاني تو پتاجيِ ميرا رِشتا اُس جلاد سي جوڙ ديتي.“
”اچا ڪيا بيٽي جو توُ چلي گئيِ، مئن تيري خوشي ڪا سوچ ڪر صبر ڪر لونگي. اب چلون بيٽي؟“
”مان ايپِ تو آئي هو.
”اُنسي چُپڪر آئي هون، جلدي نهين گئي تو قهر برپا دينگي.“
”اچا مان چلو، هم آج هيِ اِندور چلي جائينگي.“
ڪُمدني گهر پهتي تہ نيميچند توڪيس، ”مل آئيِ بيٽي سي؟“
ڪُمدني جو روح ڪنبي ويو. ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. مُڙس جي ڦاٽي پوڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳي. نيميچند ڪُجهہ نہ چيس. هوُ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڪُمدنيءَ کي حيراني ٿي. هوءَ مُڙس جي پُٺيان ويئي. نيميچند گُم سُم ويٺو هو. دوارڪاداس جي ڳالهين کيس هِلائي رکيو هو. ڪُمدني سندس پرسان وڃي ويهي رهي. ڊڄندي-ڊڄندي پُڇيائينس- ”ڪيون جيِ آج آپني غصا ڪيون نهين ڪيا، مُجهي ڊانٽا مارا ڪيون نهين؟“
نيميچند جون اکيون ٽمڻ لڳيون. مُڙس جي حالت ڏسي ڪُمدنيءَ جي دل کي جهوٻو اچي ويو . مُڙس جا ڳوڙها اُگهي سندس مٿو پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي پنل آواز سان پُڇيائين، ”ڪيا بات هئہ؟ آج آپڪي آنکون ۾ آنسون؟“
نيميچند شانت چت ٿي چيس- ”تُمهين پريا سي بات ڪرتي مئني سُن ليئا تا. تُمهاري پيڇي پيڇي مئن ڀيِ گيا تا گوپال مندر. ميرا ڀي من ڪر رها تا بيٽي ڪو گلي لڳاني ڪا. اُسي گلي تو نهين لڳا سڪا، اُسي دور سي ديکہ ڪر سنتوش ڪر ليئا.“

ساں ڏنائين. جيئن جيئن ڏسندي رهي، سندس اِرادو پڪو
ندو ويو. هڪ ڏينهن پِريا کي چيائين، ”پِريا ڪويتا ۽ رتن جي
ٽي جي باري ۾ ڇا ٿي ويچار؟“
پِريا. ”ممي رتن اڇا ننڍو آ.“
”ڇا جو ننڍو آ، ويهين ۾ ٿو هلي ڪاليج ٿو وڃي. ڏنڊو ٻہ ٿو
يالي.“
”پر ممي ڪويتا اڇا ننڍي آ.“
”مونکي تہ پوري جوان ٿي لڳي. تون سندس ماءُ ساں ڳالهہ
ر.“
”ممي، آءٌ ڪيس گهرايان ٿي، توهان ئي ساڻس ڳالهايو.“
شام جو ڪويتا آئي تہ پِريا چيس، ”ڪوي، تون پنهنجي ماءُ
ي تہ سڏي آءُ، ممي ۽ کي اُن ساں ڪُجهہ ڳالهائڻو آهي.“
ڪويتا سوچ ۾ پئجي ويئي تہ پِريا جي سَسُ جو ممي ۽ ۾ اَهڙو
هڙو ڪم ڦاٿو آ جو ممي ۽ ساں ڳالهائڻ ٿي چاهي؟ هوءَ موٽي
هر ويئي ۽ ماءُ کي سڏي آئي. پِريا ٻنهين کي هڪ ٻئي ساں
قفيت ڪرائي. جمنا ڪويتا ڏانهن اِشارو ڪري نونهن کي چيو،
ڪنوار وڄ چانهہ ناهي ڪٽي اڄ.“
پريا ڪويتا کي چيو، ”هل اسين رنڌڻي ۾ ٿا هلون.“
ٻنهين جي وڃڻ کانپوءِ جمنا چيو، ”ڀيڻ توهان جي ڌيءُ سندر،
شيل آ، اُن جي رشتي جي باري ۾ سوچيو اَٿوَ يا نہ؟“
گوداوري (ڪويتا جي ماءُ). ”اڃا نہ سوچيو آهي.“
”ڇا ٿيندس عمر؟“
”ارڙهاں پورا ڪيا اٿائين.“
”اِن عمر ۾ تہ ڇوڪرين جي شادي ٿي ويندي آهي، آءٌ جڏهن
نترهن جي هيس تڏهن ساڄن ڄائو هو.“

هو. ساجن کي وڏيڪ. گهر تڪ ۾ ڇوُر تي موٽندو هو، رات جو جلدي سُمهي پوندو هو. آرتوار جو ڏينهن ساجن لاءِ راحت ڀريو هوندو هو. هفتي جو تڪ آرتوار ڏينهن پڇندو هو. سڄو ڏينهن پِريا جي سنگ ساٿ ۾ گذرندو هيس. ساجن جو سڄو ڏينهن پِريا لاءِ هوندو هو. پِريا جي رات ساجن لاءِ.

ٻئي هاڻي ٻہ احطيات ورتي رهيا هئا. جڏهن تہ جمنا چاهي پيئي جلد سندس گود ۾ پوٽو يا پوٽي کيڏي.

ساجن پنهنجي مشغوليءَ سبب اُجين نہ وڃي سگهندو هو. ڪڏهن ماڻس تہ ڪڏهن پٽس ملڻ اچي ويندا هين. ڪڏهن ماءُ پيءُ ۽ رتن ٽيئي اچي ويندا هين. اُن ڏينهن گهر ۾ ميلو متو پيو هوندو هين.

دوارڪاداس چاهي پيو ساجن نؤڪري ڇڏي اچي ڌنڌو سنڀالي. پر ساجن کي نؤڪري راس اچي ويئي هئي.

پِريا جو ماءُ سان ڳالهائڻ ٿيندو رهندو هو. نيميچند جوءِ جي پرسان ويهي سندن ڳالهيون ٻُڌندو هو. ڪُمدني ڌيءُ کي چوندي هئي تہ ٻئي اُجين موٽي وڃن.

پِريا چوندي هيس- ”پاپا ڀي چاهتي هئن ساجن نؤڪري ڇوڙ ڪر اُجين جاڪر بزنيس سنڀالي پر وي نهين مانتي.“

پِريا ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪڏهن بہ پيءُ جو ذڪر نہ ڪندي هئي. اِها ڳالهہ پٽس کي هيانوَ ۾ وڍِ وجهندي هئي. پر هوُ اُن لاءِ خود کي ذميوار سمجهندو هو. ڪُمدني مُڙس کي چوندي هئي، پِريا سان ڳالهائڻ لاءِ پر هوُ اِشاري سان منع ڪري ڇڏيندو هوس.

هڪ دفعي جمنا اِندور آيل هئي. هوءَ نونهن جي گهر آيل ڪويتا کي نئين نظر سان ڏسڻ لڳي. سندس ڳالهائڻ جي لهجي کي، هلت چلت کي، پهراوي کي جاچڻ-پرکڻ لڳي. سندس رنگہ روپ کي بہ

داوريءَ کي دروازي تائين اُماڻڻ ويئي.
رنڌڻي ۾ وڃي ڪويتا پريا کان پُڇيو، ”مميءَ کي ڇو سڏايو
وَ؟ پنهين ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿي رهيون هيون؟“
”منهنجي ممي توکي ڇورائي اُجين وني وڃڻ ٿي چاهي.“
ڪويتا شرمائجي ويئي ۽ پريا سان لپٽي ويئي.
جمنا واپس اُجين هلي ويئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ پريا ساڄن
ي ٻڌايو، ”ڪويتا جي ماءُ پيءُ کي رشتو منظور آهي، ممي پاپا
ي چئو تہ اچي رشتو پڪو ڪري وڃن.“
ساڄن عجب مان پُڇيس، ”ڪنهن جي رشتي جي ڳالهہ ٿي
ڪرين؟“
پريا چيس- ”رتن ۽ ڪويتا جي رشتي جي.“
”تہ اِهو چڪر تو هلايو آهي؟“
”اِهو ممي چاهي پيئي. ڪويتا جي مميءَ سان اِن باري ۾
الهائي ويئي هئي.“
ساڄن پيءُ کي فون لڳائي ڇيو- ”ڏئڏي، ڇوڪريءَ وارن کي
شتو پسند آهي. توهان کي پڪ ڪرڻ لاءِ سڏايو اٿائون.“
دوارڪاداس- ”ڪهڙي رشتي جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟ مونکي تہ
ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“
”ڏئڏي، مميءَ هتي اسان جي پاڙي ۾ رهڻ واري ڪويتا نالي
ڇوڪريءَ سان رتن جي رشتي جي باري ۾ ڇوڪريءَ جي ماءُ
سان ڳالهائي ويئي هئي، هوُ چاهين ٿا توهان اچي پڪ ڪري
ڇو.“
”ماڻهين تہ ان باري ۾ مونکي ڪُجهہ ٻُڌايو نہ آهي.“
”هاڻي پُڇي وٺوس.“
”هاڻي ڇا پُڇانس، جڏهن سڀ ڪُجهہ اڳ ئي طيءِ ٿي چُڪو

”تڏهن زمانو ٻيو هو، هاڻي زمانو ٻيو آ.“

”ڀيڻ تڏهن ته چوان ٿي زمانو خراب آ، ڇوڪريءَ کي زماني جي هوا لڳي، اُن کان اڳه سندس هٿ پيلا ڪري ڇڏيو.“

”هنن کي چوندس ڪويتا لاءِ ڪوئي سُٺو ور-گهر تلاس ڪري.“

”اِن کي چوندا آهن گهر ۾ ڇورو، شهر ۾ ڍنڍورو.“

گوداوري- ”ڇا مطلب؟“

”هتي توهان وينا آهيو، ڇٽيءَ طرح ڄاڻندا هوندا، نتا ڄاڻو ته ڄاڻي وٺو. منهنجو رتن، هتي ايندو رهندو آ، ڪويتا ڏٺو هوندس، پُڇي ڏسجوس.“

گوداوري جمنا جو مطلب سمجهڻ لڳي. هوءَ سوچ ۾ پئجي ويئي. جمنا ڪيس ڍل ڏني، پلي هوءَ سوچ-ويچار ڪري. ايتري ۾ ڪويتا ٽري ۾ پاڻيءَ جا گلاس کڻي آئي. گوداوري من ۾ چوڻ لڳي- ”ڇوري هاڻي ئي هن گهر جي ٿي ويئي ٿي لڳي.“

ڪويتا وڃي وري هڪ ٽري ۾ ٻن پليٽن ۾ مٺائيءَ پاپڙ کڻي آئي.

گوداوريءَ کي لڳو ڄڻ پاڻ ڇوڪري واري گهر جي هئيءَ ڪويتا هن گهر جي ڇوڪري. ڪيس سُٺو ٻه لڳي رهيو هو. جمنا ڪُجهه ڪڻڻ لاءِ چيس، هوءَ ڪائي ٻه رهي هئيءَ ڪُجهه فيصلو ٻه ڪري رهي هئي.

ٻنهي مٺائي ڪائي پاپڙ ڪائي پاڻي پيتو. تڏهن پريا ٽري ۾ چار ڪپ چانهه کڻي آئي. ڇئني گڏجي چانهه پيتي. پريا ٽري ۾ خالي ڪپ رکيا. ٻئي ٽري ۾ خالي پليٽون ۽ گلاس رکيا. ٻئي ٽري کڻي رنڌڻي ۾ ويون. گوداواريءَ اُٿندي چيو- ”ڀيڻ هنن سان ڳالهائي ٻُڌائينديس.“

”تڪڙ ناهي، اطمينان سان سوچ-ويچار ڪري فيصلو ڪجو.“

ڪنوار جا ماءُ پيءُ آهن، اُنهن سان ٣ ٦ جو انگ آهي. ڪڏهن رشتو جوڙيو نہ اٿائون. ڇوان نہ ڇوان؟ وري سوچيائين، آءٌ پهل ڪري ڏسان، موقعو آهي، مڃي ويا تہ نيڪ نہ مڃيائون تہ سندن مرضي. فون ڪرڻ چاهيائين، نمبر نہ هيس. روبرو وڃي ڇوڻ نيڪ سمجهيائين. گهر جو پتو ڪري اِسڪوٽر تي اُتي پهتو. دروازو کليل هو. در تي اٽڪي بيهي رهيو. سوچڻ لڳو ڪٿي ٻاڙا ٻول ٻڌڻا نہ پون. نونهن خاطر ٻُڌڻ لاءِ تيار ٿي ويو. من پُختو ڪري اُمالڪ اندر وڃڻ بجاءِ ڪال بيل وڄايائين. اندران نيميچند جو آواز آيو- ”ڪؤن هئہ ڀائي دروازا کُلا هئہ اندر آ جائو.“

دوارڪاداس اندر هليو ويو. دوارڪاداس کي آيل ڏسي نيميچند واٺڙو ٿي ويو. نوڙت نيزاريءَ سان چيائين- ”اهوڀاگيہ هماري، آپ هماري غريبخاني پر پڌاري.“ هُن دوارڪاداس کي پاڪر ۾ پريو. دوارڪاداس کي اهڙيءَ آوڀڳت جي اُميد نہ هئي. نيميچند سڏي چيو- ”پريا ڪي مان ديکو تو ڪؤن آيا هئہ؟“

ڪُمدني اچي اٽڪي بيهي رهي. اِڳ۾ ڪڏهن دوارڪاداس کي ڏٺو نہ هئائين. هوءَ حيرانيءَ مان دوارڪاداس کي ڏسڻ لڳي. نيميچند چيس- ”اڙي ڀاڳيوان، سمڌيجي هئن، اپني پريا ڪي سُسرجي.“

دوارڪاداس چيو- ”نمستي ڀاڀيجي.“

ڪُمدنيءَ هٿ جوڙي نمستي ڪئي.

نيميچند چيس- ”مئن انهي بئنڪ ۾ لي جاتا هون. آپ جل پان ڀجوا دو.“

ڪُمدنيءَ ميڊ سرونٽ جي هٿان پاڻي موڪليو. پاڻ هڪ پليٽ ۾ مٺائي هڪ ۾ نمڪين کڻي آئي. ٻئي پليٽون ٽيبل تي رکي وڃڻ لڳي.

آهي. ٻُڌ پُٽ، هاڻي سيزن هلي رهي آهي، رنگ سيريمني شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ رکنداسين. هاڻي فقط فارملٽي پوري ڪنداسين. اسين فقط گهر جا ڀاتي ئي اينداسين.“

ساجن- ”ڊئڊي، منهنجن پنجن دوستن کي به وٺي اچجو. ڪين منهنجي شاديءَ جي پارٽي به نه ڏني آهي.“

”وٺي ايندوسان. ڇوڪريءَ وارن کي چئجانءِ، اسين اٺ ڏهه ڄڻا ئي اينداسين، پوڄن شُڌ ويشڻو هجي ۽ نو ڊرنڪ.“

”چوندومان. ڪڏهن ايندا؟“

”آرتوار صبح جو اچي شام جو واپس ويندسين.“

”ڊئڊي ڇنڇر شام جو اچي آرتوار شام جو واپس وڃجو.“

”اچا ڪجهو معاملو آهي. ٻه ڏينهن ڇوڪريءَ وارن کي تڪليف ڏيڻ سُٺو نه لڳندو.“

”ڊئڊي آرتوار ڏينهن سڀ مون وٽ ٽڪجو، ڇوڪريءَ وارن کي فقط ڇنڇر رات جي روٽيءَ جو اِنتظام ڪرڻو پوندو.“

”جيئن تنهنجي مرضي.“

دوارڪاداس ستيش کي فون ڪري رتن جي رشتي جي ڳالهه ڪري ڇيو- ”ساجن توهان دوستن کي به اِندور هلڻ لاءِ چيو آهي. سُڀاڻي شام جو هلنداسين. سيني دوستن کي ٻُڌائي هلڻ جو چئجانءِ.“

”انڪل اسين ضرور هلنداسين، اسين ٻه ڪاريون ڪڍي هلنداسين. توهان به اسان سان گڏ هلجو.“

”هتي اچجو، هتان سڀ گڏجي هلنداسين.“

”اسان لاءِ ٻِي ڪا خدمت هجي ته حُڪم ڪجو.“

”هتي اچجو ته ٻُڌائيندس.“

دوارڪاداس سوچڻ لڳو- ”هتي نه ٻيو ڪوئي رشتيدار آهي نه.

پني گھر پريوار کي باري ۾ جاچ کي، نہ اُنکي رھن-سھن
کي باري ۾ بات کي، اؤر رِشتا جوڙني کي ليئي تيار ھو
ئي؟''

''پاپيجي، ساجن کي مان رتن کي مان ھئہ. اُسي پورا اڌکار
ھئہ بيٽي کي رشتي کي باري ۾ نرڻيہ ليني کا. مُکيہ بات
لڙکي ھئہ، انيہ باتين گوڻ ھئين، لڙکي اُسي پا گئي اؤر کيا
چاھيئي؟''

''ڌنيہ ھئن آپ پائي صاحب، ڌنيہ ھئہ آپکي سوچ. پريا
ڀاگيشالي ھئہ جو آپکي پريوار سي جُڙي ھئہ.''

نيميچند- ''سچ مُچ آپ اديُت ھئن، اوشوسنيہ ويکتي ھئن.
آپ جئسي ويکتي سنسار ۾ دُرلڀ ھئن.''

دوارکاداس- ''پائي صاحب، ھم ھماري پوُروجون کي چلائي
گئي پرمپرا اؤر ديئي گئي سنسکارون کا پالن کر رھي ھئين
ورنا تو مئن ايک ساڌارڻ ويکتي ھوُن. آپ کل شام کو تيار
رھنا. کار ڀيجونگا آپ کو ليني کي ليئي.''

''آپ کشٽ نہ کرين ھم اپني کار سي آ جائينگي.''

''کوئي کشٽ نھين، تين کار ھئين، اؤر ھم دس لوگ ھئين.
اب اِجازت دين.''

''ايک نويدن ھئہ.''

''کھيئي.''

''ھماري نھرني کي ويوستا انيتر کي گئي ھوگي، مئن چاھتا
ھوُن پھلي ھم ساجن کي گھر چلين بيٽي کو ديکني کي ليئي
آنکي ترس گئي ھئين.''

''پھلي ھم وھين چلينگي. آپ دونو کي رُکني کي ويوستا
پريا بيٽي کي گھر ھي کرينگي.''

دوارڪاداس چيس- ”پاپِي صاحبا، آپ ٻئنين ايڪ نويدن ڪرنا هئہ.“
ڪُمدنيءَ چيس- ”پاپَي صاحب ڪيون شرمندا ڪرتي هئن؟ آگيا ڪيجيئي.“
دوارڪاداس- ”پاپِي صاحبا، اوسر نويندن ڪرني ڪا هئہ.“
نيميچند چمچي سان هڪ گُلاب جمون ڪٽي دوارڪاداس جي وات ۾ وڌو. دوارڪاداس بہ هڪ جمون نيميچند کي کارايو. سيٺ کي بہ وات منو ڪرڻ لاءِ چيائين. ڪُمدنيءَ بہ گُلاب جمون کائي وات منو ڪيو.
”مئن چاءِ ڪي ليئي بول ڪي آتِي هوُن.“
ٻنهين تورو نمڪين کائي پاڻِي پِيتو.
تيستائين ڪُمدني ڇوڪريءَ کان چانهہ کڻائي آئي. ٽنهين گڏجي چانهہ پيتي. ڇوڪرِي گلاس، ڪپ ۽ پليٽون کڻي ويئي.
نيميچند چيس- ”اب فرمائيي.“
دوارڪاداس- ”ڪل آپ دونو ڪو هماري ساٿ اِندور چلنا هئہ.“
نيمين- ”ڪِس اُپلکش ۾؟“
”رتن ڪا رِشتا تيہ ڪرني.“
”پاپَي صاحب ڪهان رِشتا تيہ هوئا هئہ؟“
”تيہ هوئا نهين هئہ چلڪر تيہ ڪرنا هئہ. رِشتا اِندور ڪا هئہ، لڙڪي والي بهوُ ڪي پڙوس ۾ رهتي هئن، لڙڪي بهوُ ڪي گهر آتي رهتي هئہ، رتن ڪي مان ني اُسي ديڪا، پسند ڪيا، لڙڪي ڪِي مان سي بات ڪي. آج لڙڪي والون ني بُلايا هئہ. مُجهي ڀِي آج هِي پتا چلا، جب ساجن ني فون ڪرڪي بتايا ڪِ لڙڪي والون ني رشتا تيہ ڪرني ڪي ليئي بُلايا هئہ.“
”تعجب هئہ، آپڪي جانڪاري ڪي بنا رِشتا تيہ هو گيا! نہ

كلني دو.'' ڪُمدنيءَ جا نيڻ بہ ڇلڪڻ لڳا. پيءُ کان الڳ ٿي
ريا ماءُ سان ڳلي ملي. سڀ اندر آيا. ساجن سيني کي هال ۾
ھاريو. ساجن ۽ پريا ڳڏجي سيني کي جل پان ڪرايو. نيميچند
ڪُمدنيءَ جو سامان پريا جي ڪمري ۾ رکايائين. ماءُ پيءُ جو
ھنجي ڪمري ۾. ساجن دوستن ۽ رتن کي بہ رُڪڻ واريءَ جاءِ
ي وٺي ويو. اُتي پهچي سڀ واڪا ٿيا. جمنا پريا کان رات جي
باريءَ جي باري ۾ پُڇيو. سڀ اِنتظام سُٺي نموني ٿيل هو. رات
و سڀ پارٽيءَ واري جڳھہ تي ويا. ڇوڪريءَ وارن سيني جي
ٺي نموني مرحبا ڪئي. سيني جي واقفيت ڪرائي ويئي مُٺڙي
ي رسم پوري ٿي. ڊنر شروع ڪيو ويو. هڪ کان هڪ لذيذ طعام
يار ڪرايا ويا هئا. ويٽر سروَ ڪري رهيا هئا. پوڄڻ ويشنو هو.
يميچند کي سُٺو لڳو. ڇوڪريءَ وارن آيل سيني مهمانن کي
وڪڙيون ڏنيون. ڇوڪريءَ جي پيءُ جي عرض ڪرڻ تي
وارڪاداس صبوح جي نيرن ۽ منجهند جي مانيءَ جي نينڊ قبول
ڪئي. سڀ آرام گاهہ تي وڃي آرامي ٿيا. اُتي بہ ضرورت جي هر
يءَ جو معقول اِنتظام ڪيو ويو هو.

سيني مهمانن کي قيمتي سوغاتون ۽ لاڳ ڏنا ويا. پريا ڪويتا
ي پنهنجي هٿن سان اُڻيل سويٽر پيٽ ڪيو. ساجن جي دوستن
ي هڪ هڪ مناٽيءَ جو پئڪيٽ ڏنو ويو. پريا جي ماتا پتا کي
ناٽيءَ جا بہ پئڪيٽ ۽ بہ شال پيٽ ڪيائون.

نيميچند ڏيءُ ۽ نياڻي کي خرچي ڏيڻ چاهي. ساجن هٿ
جوڙي چيس- ''توهان اسان کي اپنايو، اِن کان وڌيڪ ٻيو ڪُجھہ
ي نٿو سگھي.

ڪُمدنيءَ ساجن کي چيو- ''بيٽا اب جلدي پريا ڪو ليڪر
تماري گهر آنا.''

دوارڪاداس موڪلائي هليو ويو. ڪُمدنيءَ مُڙس کان پُڇيو، ”ڪيونجيِ، آپ ۾ يي بدلو اچانڪ ڪئسي آ گيا؟“

نيمي- ”ڪُڇ سميہ پُورو مئن دوارڪاداس ڪي پاس گيا ٿا. اُنڪي باتون ني ميرا درپ چوُر چوُر ڪر ديئا. ديڪا نهين ڪتنا ڀلا آدمي هئہ وهہ. ترسڪار ڪي باوجود وهہ خود چلڪر آيا هماري گهر، ڪوئي درپ نهين، ڪوئي لوڀ لالچ نهين، ويڪتي ڪي پهچان هئہ اُن لوگون ڪو. رتن ڪي مان ني ايڪ نظر ۾ رتن ڪي ليئي لڙڪيِ پسند ڪر ليِ، خود پهل ڪرڪي رشتي ڪيِ مانگہ ڪيِ. پتي سي پوُڇنا بہ ضروري نہ سمجها، اُسي پورا ڀروسا ٿا پتي پر ڪِ وهہ سهمتي ديديگا. ائسا هوئا ڀي.“

چنچر شام جو دوارڪاداس ستيش کي ڀِريا جي پيءُ ماءُ ڪي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. ستيش کي تعجب ٿيو. ٻيءَ ڪار ۾ چار ٻيا دوست ٿينءَ ۾ دوارڪاداس ۽ جمنا. هڪ ڪار رتن هلائي رهيو هو، رتن جي ڪار اڳيان هئي. باقي ٻہ ڪاريون اُن جي پُٺيان.

جنهن وقت ساجن جي گهر پهتا، سِڄ اچا نہ لٿو هو. سڀ ڪار مان لٿا. اڳيان نيميچند ۽ ڪُمدنيءَ کي ڪيائون. ڪارن جي رُڪجڻ جو آواز ٻُڌي ساجن اچي در کوليو. نيميچند ۽ ڪُمدنيءَ کي حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳو. ستيش اڳتي وڌيِ چيس، ”ڏسين ڇا ٿو؟ ڀاڀيءَ جا ماتا پتا آهن.“

ساجن جُهڪي ٻنهين کي پيري پيو. نيميچند ٻانهن ۾ ڀري مٿي تي هٿ ڦيريس. ساجن ٻنهين کي اندر وٺي ڏنو. پاڻ ماءُ پيءُ ۽ دوستن سان ملڻ ويو. ماءُ ۽ پيءُ کي آيل ڏسي ڀِريا ڊوڙي وڃي پيءُ سان لپٽي ۽ سُڏڪا ڀري روئڻ لڳي. نيميچند ڌيءُ کي سيني سان لڳائي خود بہ روئڻ لڳو. ڪُمدنيءَ ٽوڪين- شُڀ موقعي تي روئڻ بند ڪيو. نيميچند چيس- ”مت روڪو من ڪا مئل

ھي. ٻڌو آ سندن وڪيل ھاڻ ڪورٽ جي اِندور بئنچ ۾ فيصلي
ي خلاف اپيل ڪرڻ وارو آھي. ستيش ٻڌايو تہ ھاڻي اندور اچڻ-
جڻ ٿيندو رھندن. فلحال بڙاڳڙہ سينٽرل جيل ۾ بند آھي. ھاڻ
ورٽ ۾ وڪيل ٿي ايندو رھندو. جلدي ضمانت نہ ملندس،
ڪري فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناھي.“

پريا- ”اسين اُجين ڇو نہ ھلون، اُتي پنھنجن جي وچ ۾
ھنداسين. پاپا بہ چاھين ٿا نوڪريءَ ۾ ڇا رکيو آ؟ پنھنجو ڌنڌو
نھنجو آ.“

ساجن- ”ستيش ٻڌايو تہ ڌنڌي سان جُڙي شادي ڪري سيٽل
ين ٿو چاھي. سورج پوليس ۾ وڃڻ ٿو چاھي. رويءَ کي اجا فائينل
ڪليئر ڪرڻي آھي. باقي بہ دوست پڙھائيءَ سان گڏ ڪوئي ڪم
ہ ڪرڻ ٿا چاھين. مون ڇيومانس جلد شادي ڪر تہ جشن منايون.
يائين پاپيءَ کي چئہ تہ منھنجي لاءِ ڪائي ڇوڪري تلاش
ڪري. مون پڇيومانس تنھنجي پسند ڇا آھي. چيائين، ڪھڙي
ہ سماج جي ھجي الٽرا ماڊرن نہ ھجي. سڌي سادي سنسڪاروان
ھجي. ھاڻي ڳولھيس ڪائي ڇوڪري.“

پريا چيس- ”توھان بہ ڪمال ٿا ڪريو. مون اڄ ڏينھن تائين
ھر کان ٻاھر پير نہ رکيو آھي. مان ڪٿان ڳولھيندس ڇوڪري؟“

رتن جي شاديءَ جو مھورت ٻن مھنن کان پوءِ جو نڪتو ھو.
اديءَ کان ھڪ ڏينھن اڳ رنگہ سيريمني.“

ٻنھين ڌرين متن مائٽن، عزيزن کي نينڊ موڪلڻ شروع ڪئي.
يارين ۾ لڳي ويا. ڌنڌو بہ سنڀالڻو ھين. تياري بہ ڪرڻي ھين.
اجن اِندور ھو.

دوارڪاداس سوچيو مدد لاءِ ساجن کي ١٠-١٥ ڏينھن اڳوات
ھرائيندو، نونھن پُٽ ٻئي اچي مددگار ٿيندا.

ساجن چيس- ”ضرور آئينگي ممي.“

ساجن جي رڪويسٽ تي سڀ رات جي روٽي ڪائي پوءِ ويا. موڪلائڻ وقت ڪويتا جا ماءُ پيءُ ۽ ڪويتا بہ آيا هئا. وڃڻ مهل ڪُمدنيءَ گلي مان هار لاهي ڪويتا جي گلي ۾ پاتو.

سيني جي وڃڻ کان پوءِ ڪويتا پريا وٽ وڃي پُڇيس- ”پاپي هاڻي مونکي توهان جي گهر نہ اچڻ گهرجي؟“

”ڇو نہ اچڻ گهرجي؟“

”ممي ڇوي پيئي هاڻي اِهو تنهنجو ساهرو گهر آ، هاڻي اُتي شاديءَ کانپوءِ وڃجانءِ.“

پِريا چيس- ”ميءَ کي چئجانءِ، تنهنجا ساهرا اُجين ۾ آهن. هتي تنهنجو پيڪو گهر آهي.“

”تہ پوءِ هل پاپي.“

”ڪيڏانهن؟“

”هلي رنڌڻو سهيليون.“

پِريا جي منع ڪرڻ کانپوءِ بہ ڪويتا نہ مُڙي. رنڌڻو اوبري، سيل صفائي ڪرائي پوءِ گهر ويئي.

پِريا جڏهن بيڊروم ۾ ويئي، ساجن کي اِنتظار ڪندو ڏٺائين. ٿڪاوٽ جي باوجود پيءُ ماءُ سان ملي پِريا جو من بيحد خوش هو. ساجن جي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيائين- ”اڄ آءٌ بيحد خوش آهيان.“

ساجن پِريا جو مٿو چُمي چيس- ”توکي خوش ڏسي آءٌ بہ بيحد خوش آهيان. هاڻي اڄ تہ سُمهون مونکي ننڊ ٿي اچي.“

پِريا ساجن سان لپٽي سُمهي پيئي.

ڪُجهہ ڏينهن کانپوءِ ساجن پريا کي ٻُڌايو تہ عدالت ڪشوريءَ ۽ سندس ساٿين کي ٻہ-ٻہ سال سخت پورهئي قيد جي سزا ڏني

بين شهرن ۾ پڙهائيءَ لاءِ ويل ڇوڪرا پڻ گهر وڃڻ لاءِ اٽڪي
پيا. ڪوٽا جي هڪ ڪاليج وارن پهل ڪئي. پنهنجي خرچ تي
چار ترڏ بسيون ڪرائي تي وٺي شاگردن کي سندن گهر روانو ڪيو.
يدا انتظامي اهڙي جو پرانت سرڪارن ٻئي راڄيه مان اچڻ وارن
بسين جي اچڻ تي روڪ لڳائي ڇڏي. مُسافرن کي ٻه-ٻه، ٽي -ٽي
بسيون بدلي وڃڻو ٿي پيو.

سيوا ڀاوي سنستائن ٻاهران اچڻ وارن مُسافرن لاءِ کاڌي-پاڻيءَ
جي مفت سيوا شروع ڪئي. ڪيترن شهرن جي ضرورت مندن لاءِ
مفت روٽيءَ جي، مفت پارسل سيوا شروع ڪئي.

ڪيترا ماڻهو رستي جي خبر نه هئڻ سبب، ريل لائين جي
سهاري وڃڻ شروع ڪيو. هڪ جٿي جا ماڻهو ٽڪ پچڻ لاءِ ۽ روٽي
کائڻ لاءِ روٽيءَ جون هڙون کولي ويٺا هئا. اڃا گرهه وات ۾ ئي نه
وڌو هئائون جو اوچتو هڪ فاسٽ اسپيڊ ٽرين آئي ۽ ڪيترن
مزورن کي چيٿاڙي نڪري ويئي. ريل جون پٽڙيون خون سان
رنگجي ويون. روٽيون ٽريڪ تي ڦهلجي ويون. خوفناڪ حادثو
هو. ۲۹ مزور بروقت مري ويا. سوين زخمي ٿيا اُنهن مان ڪيترن
اسپتالن ۾ دم ٽوڙيو. جن به اهو نظارو ڏٺو. ويءَ تي ڏنو اُنهن جا
لڱ ڪانڊارجي ويا. اِن حادثي کان پوءِ سرڪار جي ننڊ کُلي. خاص
اسٽيشن تان هڪ اسپيشل ٽرين شروع ڪيون ويون. اسٽيشن تي
هزارن جي تعداد ۾ پيڙ گڏ ٿي ويئي. نه مُنهن تي ماسڪ نه سوشل
ڊسٽنس. بيماريءَ کي کُلي نينڊ. ڪُجهه سرڪار مزورن کي سندن
گهر پهچائڻ لاءِ اسپيشل بسين جو انتظام ڪيو.

مريضن جي پيڙ لڳاتار وڌڻ لڳي. اسپتالن ۾ نه خالي بسترا هئا
نه ٻيون سهوليتون. گهر جا ڀاتي مريضن کي پرتي ڪرائڻ لاءِ
ڀٽڪندا رهيا. پنهنجن کي بنا علاج مرندو ڏسي غم غصي ۾ پرجي

اچانک سڄيءَ دنيا مٿان مصيبت جا ڪارا بادل منڊرائڻ لڳا. چين مان شروع ٿي ”ڪورونا“ مهاماري دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجڻ لڳي. ڀارت بہ اُن کان آجو نہ رهيو. ”ڪورونا“ وچرندڙ بيماري هئي. بيمار جي جيڪي بہ ويجهو ويا ٿي اُهي بہ ونجي ٿي ويا. اِن طرح هڪ مان اٺ، اٺن مان سٺ، سوين، هزارين، لکن جي تعداد ۾ بيمار ٿيندا ويا.

اِها اهڙي خطرناڪ بيماري هئي جنهن جي باري ۾ ڊاڪٽرن، وگيانڪن کي ڪائي ڄاڻ نہ هئي. نہ ئي اُن جو ڪوئي يڪ ٽڪ علاج هو. اِسپتالن ۾ ڀرتي ٿيڻ وارن جي ڀيڙ لڳي ويئي. پلنگن جي ڪمي محسوس ٿيڻ لڳي. آڪسيجن جي اُڻاٺ، وينٽيليٽر جي ڪمي. لکن جي تعداد ۾ مريض بنا علاج جي مرڻ لڳا. ڪيترا علاج جي دوران مرڻ لڳا. بيماريءَ جو ايترو حراس ڦهلجي ويو هو جو مرڻ وارن جا سڳا سنبنڌي لاش وٺڻ لاءِ تيار نہ هئا. اِسپتال وارا ئي پارسل وانگر لاش پئڪ ڪري بنا ريت رسم جي لاش جلائي ٿي آيا. ڪيترن ڊاڪٽرن، نرسن جو بہ موت ٿيو. اخبارن ۾ خبرون پڙهي، ٽي. ويءَ تي ڀولناڪ نظارا ڏسي ماڻهن ۾ حراس ڦهلجي ويو. سنڪرمڻ کي روڪڻ لاءِ سرڪار لاڪ ڊائون لڳايو. شهر يا ڳوٺن ۾ ڪرفيوءَ جهڙو ماحول ٿي ويو. ماڻهون خود ئي ڊپ وچان گهر ۾ قيد ٿي ويا.

روزگار کان محروم ليبر واپس پنهنجي گهر يو.پي.، بهار وڃڻ لاءِ آتا هئا. فلائيٽ بند، ٽرينون، بسيون رد ڪيون ويون. پنجاب، دهلي، هرياڻا، مهاراشٽر وغيره مان جُهنڊ جا جُهنڊ ماڻهو سوين، هزارين ڪلوميٽر پنڌ-پنڌ پنهنجي گهر وڃڻ لڳا. مٿي تي ڪپڙن ۽ روٽيءَ جي هڙ. ڪيترين زائفن کي ڪڇ ۾ ٻار، جُهنڊ جا جُهنڊ روانا ٿيڻ لڳا.

اهڙي سنڪٽ جي وقت مخالف پارٽيءَ وارن کي سرڪار سان
هيوگ ڪرڻ کپندو هو، سهيوگ بجاءِ اسهيوگ ڪرڻ لڳا. بيان
زي، اُفواهه ڦهلائڻ، مرڪزي سرڪار جي پريشاني وڌائڻ ئي
ندن مقصد بڻجي ويو.
پارٽ سرڪار دهلي سرڪار کي آڪسيجن پلانٽ لڳائڻ لاءِ
ڪروڙين رپيا ڏنا، مکيه منتريءَ پلانٽ لڳائڻ بجاءِ اِها رقم ۽ ٻيو
ڪيترو سرڪاري خزانو ٽي.وي. چئنلن تي پنهنجي مشهوري
ڪرائڻ ۾ خرچ ڪندو رهيو. بيشرميءَ جي حد اُلٽو پارٽ سرڪار
ي اِلزام لڳائڻ لڳو ته ڪيندر سرڪار ضرورت جيترا آڪسيجن
لينڊر نٿي ڏئي، جيڪي ملنس پيا، اُنهن مان ڪيترا دٻائي
ترادو اٽاڻ پئدا ڪيائين. مريض پريشان ٿيندا رهيا.
هڪ ڏينهن پريا جي ڪم واري مائي نه آئي ته گهر ۾ نه ٻهاري
ڪتي، نه جوٺا برتڻ صاف ٿيا، نه ئي ميرا ڪپڙا ڌوتا ويا. پريا
ي سُنو نٿي لڳو. اُن جو من ڪوئي ڪم ڪرڻ تي نٿي ٿيو.
سمجهه ۾ نٿي آيس ته ڇا ٿو ٿئي، ڇو ٿو ٿئي.
هوءَ ڪڏهن گهر کان ٻاهر نڪتي نه هئي. پوءِ اچانڪ ڪيس ڇا
ي ويو آهي؟ ڪُجهه سوچي ڇرڪ پريائين. ڪلهه ڪم واري
ائيءَ ڇِڪون پئي ڏنيون، کنگهي به ٿي، لڳو تپڻ لڳا هيس، ڪم
د ۾ جلدي جلدي هلي وئي هئي، ته ڇا؟ سوچي لرزي وئي.
پريا ساجن کي چيو- ”اڄ آفيس نه وڃ، مونکي سُنو نٿو لڳي.“
ساجن کي شنڪا ٿي. پريا جي ٽيسٽ ڪرايائين. رپورٽ پازيٽو
آيس. پريا کي اِسپتال ۾ ڀرتي ڪرائڻ ضروري سمجهيائين.
پريا کي چيائين- ”تنهنجي طبيعت نيڪ ناهي، ڪُجهه ڏينهن
اِسپتال ۾ ڀرتي ٿيڻو پوندءِ.“
ڀرتيءَ جو ٻُڌي پريا گهٻرائجي وئي. ٽي.ويءَ ۾ ڏٺل دردناڪ

تي ويا.

هڪ طرف سيواپاوي شخص ۽ سنستائون سيواپاوَ ۾ لڳل هئا، ٻئي طرف دشٽ ماڻهو دوائن، آڪسيجن سلينڊرن جي ڪالابزاري ڪرڻ لڳا. وينٽيليٽر سرنديءَ وارا بليڪ ۾ خريد ڪري آڏا وسوگهر ۾ زڪڻ لڳا. پرائيويٽ ڊاڪٽرن جي ٻيگهي مچي ويئي. في سوَن مان وڏائي هزارين رپيا ڪري ڇڏيون. پرائيويٽ اِسپتال وارن ريٽ وڏائي ٻيٽا چوٽا ڪري ڇڏيا. لکين رپين جا بل ڪڍڻ لڳا. ڪرياڻو، سبزيون مهانگيون ملڻ لڳيون. مڊل ڪلاس وارا ٻُري دؤر مان گذري رهيا هئا. لاڪ ڊائون جي ڪري ڌنڌو بند، خرچ بيحساب. اگر ڪوئي گهر جو ڀاتي بيمار ٿي ٿين تہ شامت اچي ٿي وين. اِنسانيت ڪان ڪِريل شخص نقلي اِنجيڪشن ٺاهي بليڪ ۾ وڪڻڻ لڳا. نقلي اِنجيڪشن لڳارائڻ سان ڪُجهہ ماڻهن جو مؤت ٿي ويو. ڪُجهہ ڊاڪٽرن جون مريضن جون ٻُڪيون ڪڍي وڪڻڻ جون گهٽنائون سامهون آيون. چينئيءَ جي هڪ ڊاڪٽر کي گرفتار ڪيو ويو. اهڙيون گهٽنائون بہ سامهون آيون. اِسپتال وارن پورو بل نہ چُڪائڻ سبب مائٽن کي لاش ڏيڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو. حيوانيت جا ڪيئي قصا سامهون آيا تہ اِنسانيت جا بہ مثال سامهون آيا.

اهڙيون خبرون ڏسي ٻُڏي پِريا ڊنل، سهميل رهڻ لڳي. نگر نگم جي ذميواري وڌي ويئي هئي تہ ڪرمچارين جي ڊيوٽي بہ وڌي ويئي هئي. ساجن بہ ڪم ۾ رُڌل رهيو. ڪويتا بہ گهر کان نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. پريا وري اڪيلي ٿي ويئي. ستار بہ ڪويتا کي ڏيئي ڇڏي هٽائين. واپس گُهرڻ سنو نہ پيو لڳيس. ڪويتا سان موبائيل تي ڳالهائڻ ٿيندو رهندو هوس. ڪويتا پريا وٽ اچڻ چاهيندي هئي پر پِريا منع ڪندي هيس.

ان ڪارڻ لڳس. پريا چيس- ”ٻُڌاءِ اِسپتال ۾ منهنجو ايترو ڏيان
خير رکي ها؟“
ساجن چيس- ”ڊاڪٽر آهن، نرسون آهن.“
”ڊاڪٽرن، نرسن لاءِ ڪيترا مريض آهن. هتي تو لاءِ آءٌ اڪيلي
هيان. تو جيترو خيال ٻيو ڪوئي نہ رکي سگهندو.“
ڦن اچڻ تي پاڻ بہ روئي ڪاڏائين.
ساجن پريا جي پرسان ويهي رهيو، پريا جو مٿو سهلائڻ لڳو. پريا
ون اکيون ٻُوٽڻ لڳيون. ڪُجهہ ئي دير ۾ گهري ننڊ اچي ويس.
اجن پرسان ئي ڪُرسيءَ تي ويهي جهپڪي ڪائيندو رهيو.
پريا سُمهي اُٿي تہ ساجن صوف ڪٽي ڪارايس. بسڪوٽ ڪارائي
انهہ پيئاريائينس، خود بہ چانهہ پيتائين.
پريا اچانڪ ساجن کي چيو- ”مونکي اِسپتال ۾ ڀرتي ڪراءِ.“
ساجن ڇرڪي پُڇيس- ”ڇو ڇا ٿيو؟“
”آءٌ بہ ڪيتري مورکہ آهيان، اِهو سوچيم ئي نہ تہ منهنجي
ڪري تون بہ بيمار ٿي پوندين.“
ساجن- ”مونکي ڪُجهہ نہ ٿيندو. منهنجي اميونٽي اِسٽارنگہ
. توکي اڪيلو ڇڏي نٿو سگهان.“
”سُنو آهي، لنبي سفر تي ٻئي گڏ هونداسين.“
”اَهڙي ڳالهہ نہ ڪر، منهنجو جگر ڏري پوندو.“
”آءٌ پنهنجو جگر توکي ٽرانسپلانٽ ڪرائيندس.“
”اهڙيءَ حالت ۾ بہ مذاق ٿي سُجهئي؟“
”پريا ننڍڙي زندگي ڪل خوشيءَ ۾ ڪٽجي تہ سُٺو آهي.“
پريا ساجن جو هٿ پڪڙي چُميو، ساجن پريا جو هٿ چميو.
پريا چيس- ”ساجن اسان جو پيار جو رشتو درد جو رشتو بڻجي
ويو آهي، آءٌ توکي درد ئي ڏيئي رهي آهيان.“

نظارا ڪين اڳيان گُهمي ويس. ڪيئن عزيزن کان الڳ، مريض دم ٽوڙي رهيا هئا. ڪيئن مُڙدن کي پارسل وانگر پئڪ ڪري مساڻن ۾ تي موڪليائون. ساجن کي چيائين- ''آءٌ پرتي نہ ٿيندس.''

ساجن- ''سمجهندي ڪر، اِسپتال ۾ سُٺي نموني علاج ٿيندءِ، جلدي نيڪ ٿي ويندينءَ. اُتي هر طرح جي سهوليت آهي.''

پريا- ''هاسپيٽل ۾ پرتي ماڻهو مرندا نہ آهن.''

''ڪي مرندا آهن، گهڻا نيڪ ٿي ويندا آهن.''

''ٿيڻ ڪاڻ گهر ۾ بہ نيڪ ٿي ويندا آهن. نيڪ ٿيڻ وارن ۾ مان بہ ٿي سگهان ٿي. هاسپيٽل ۾ ڪي مرڻ وارن ۾ آءٌ بہ ٿي سگهان ٿي. آءٌ توکي ڇڏي هرگز نہ ويندس. تون ساڻ هوندين تہ من کي ڏڍُ هوندو. هاسپيٽل ۾ اڪيلي پيئي جُهرندس. آءٌ پرتي نہ ٿيندس. مرڻو بہ آهي تہ تنهنجي ٻانهن ۾ مرندس. تون ساڻ هوندين تہ دل کي سهارو ملندو. جيئڻ جي چاهہ هوندي.'

ساجن پِريا کي گهڻو سمجهايو پر پِريا هڪ نہ ٻُڌس. هارائي ڊاڪٽر وٽ وڃي صلاح ڪري گهر ۾ ئي سندس علاج شروع ڪرايائين.

مائيءَ جي اچڻ جي ڪا اُميد نہ هئي. ساجن پِريا کي دوا پيئاري، پهريائين گهر جي ٻُهاري ڪڍي، برتڻ صاف ڪيائين. پِريا جي پيئڻ لاءِ پاڻي گرم ڪري پيئاريائينس. موڪل جي آن لائين درخواست موڪليائين. پنهنجي لاءِ چانهہ ناهي پيتائين. روٽيءَ جو مسئلو هو. ڪويتا کي سڏي اُن کي مصيبت ۾ وجهڻ نہ پيو چاهي. ٽفن سينٽر تي فون ڪري روز بہ ويلا ٽفن گُهرائڻ جو بندوبست ڪيائين.

پِريا کي اسپنچ ڪري ڪپڙا بدلايائينس پوءِ ڪپڙا ڌوئي سنان ڪرڻ ويو. سنان ڪري پِريا لاءِ کچڙي رڌيائين. پنهنجي هٿن

نيٽائيزر ڪيائين. پلنگ تي موٽي آئي. موبائيل کڻي ڪويتا
فون لڳائي چيائين- ”ڪويتا پنجن منٽن لاءِ اچ، ضروري ڪم
ي. ڊبل ماسڪ لڳائي اچجانءِ. منهنجي ويجهو نہ اچجانءِ،
يان ڳالهائي هلي وڃجانءِ، گهر وڃي سنان ڪري ڪپڙا
لائجانءِ، ڪوئي سوال نہ ڪجانءِ.“
ڪويتا پريا جي ڳالهہ ٻڌي گهبرائجي ويئي. فورن ماسڪ لڳائي
ريا جي گهر ويئي. دروازو کُليل هو. پريا جي ڪمري ۾ ويئي.
ريا هٿ ڏانهن اِشارو ڪري چيس- ”اِها گهر کڻي وڃ، هتان فورن
ي وڃ.“
ڪويتا گهر وڃي هٿ کولي. زيور ڏسي حيران ٿي ويئي. فون
ري پريا کان پُڇيائين، ”پاپا توهان پنهنجا ڳهہ مونکي ڇو
ا آهن؟“
پريا چيس- ”سرير نبل ٿي ويو آهي، ڳهن جو وزن نٿي سهي
گهان، تون پريوار جي تيڻ واري نونهن آهين، شاديءَ ڪانپوءِ
و وزن توکي کڻڻو آهي.“
”پاپا؟“
”ڪوئي سوال نہ ڪوئي بحث نہ.“
”پاپي توهان ڪُجهہ لڪائي رهيا آهيو.“
”تون منهنجي ڇڏ، پنهنجو سوچ. شاديءَ ۾ ڪُجهہ ئي ڏينهن
هجي ويا آهن. وڃي گرهستي سنڀالڻي اَٿيِ، رتن کي بہ سنڀالڻو
ي.“
ڪويتا شرمائجي ويئي. موبائيل بند ڪري ڇڏيائين.
دوارڪاداس ساجن کي فون ڪري چيو، ”ساجن، لاڪ ڊائون
تيون مُنجهائي ڇڏيون آهن، لڳي ٿو شاديءَ جو مهورت ٽارڻو
وندو.“

”درد جو ئي سهي، رشتو ٽُٽڻ نہ ڏجانءِ.“

ساجن فون ڪري اڇڻ کان منع ڪئي ۽ اُجين بہ ڪنهن کي پريا جي باري ۾ ٻُڌائڻ کان منع ڪيائين. آءُ ماءُ پيءُ جي ٽينشن وڌائڻ نٿو چاهيان. پريا جي ماءُ دل جي ڪمزور آ، اُن کي بہ ڪُجهہ ناهي ٻُڌائڻو. ماءُ سان فون تي ڳالهائيندي رهندي آهي.

ڪويتا پُڇيس- ”پئيا، پاپيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟“

ساجن- ”ٿوري طبيعت ٺيڪ نہ اٿس، علاج جاري اٿس، جلد ئي ٺيڪ ٿي ويندي.“

”چنتا جي تہ ڪائي ڳالهہ ناهي نہ؟“

”چنتا جي ڳالهہ ناهي، لاڪ ڊائون لڳل آهي، مان نٿو چاهيان خوامخواهہ ڪير پريشان ٿئي.“

”پئيا، مونکي بہ اچڻ کان منع ٿا ڪريو؟“

”ڪويتا شادي ڳنڍيل اٿيِ، توکي هر طرح جو احطيات وٺڻو آهي.“

ڪويتا شرمائجي ويئي. وڌيڪ ڪُجهہ نہ چيائين ۽ نہ ڪُجهہ پُڇيائين.

ڪورونا بيرحم بيماري آهي. هڪوار ڪنهن کي پنهنجي شڪنجي ۾ ڪسي ٿي تہ وني ئي ٿي وجيس. ڪنهن کي ڇڏي بہ ٿي ڏي تہ رتُ ستُ نچوڙي ٿي ڪڍيس. مهني ٻن کانپوءِ تو هلڻ چلڻ جهڙو ٿئي.

پريا جي طبيعت لڳاتار بگڙجندي ٿي ويئي. ساجن کي اُن جي لڪا پوڻ نٿي ڏنائين. ساجن پريا لاءِ دوا ۽ فروٽ خريد ڪرڻ ويو هو. پريا اُٿي، پنهنجا هٿ سينيٽائيز ڪيائين، هڪ ڪپڙو سينيٽائيز ڪيائين. پنهنجا ڳهہ سينيٽائيز ڪيائين، ڪپڙي ۾ رکي هڙ ٻڌي هڪ جڳهہ سينيٽائيز ڪري اُتي رکيائين. ڪمري کي بہ

تنهنجي ڪري.“

”ساجن، مون ڪانپوءِ ٻه ٻارَ کي سنڀالجانءِ. پنهنجو علاج

ڪرائجانءِ. ڪيترن کي تنهنجي ضرورت ٿي سگهي ٿي.“

”پريا، مونکي ڪهڙيءَ خطا جي سزا ڏيئي رهي آهين؟ خود

بندن ٽوڙي وڃڻ ٿي چاهين، مونکي بندن ۾ جڪڙي وڃڻ ٿي

چاهين؟“

”تون چاهين ٿو نه ته آءٌ وڃڻ کان پوءِ به توکان جُدا نه ٿيان ته

... ، ڪنهن دردوند جي اکين ۾ نهارجانءِ، اُن ۾ توکي منهنجي

... وي (تصوير) نظر ايندي. اُن کي اپنائيندين ته اُن جي ڪايا ۾

... مونکي پائيندين.“

”نه ڪر اهڙيون ڳالهيون، آءٌ برداشت نه ڪري سگهندس.

... توکان اڳه مان نه هليو وڃان.“

”منهنجي مڙهه کي رولي وڃڻ ٿو چاهين؟“

”پليز پريا، تون ٻارَ کي سنڀال. آءٌ تنهنجي علاج تي پنهنجو

... ٻارَ کي داوَ تي لڳائي ڇڏيندس.“

”تون خود منهنجي امانت آهين، اِئين ڪيئن ٻارَ کي داوَ

... تي لڳائيندين؟ آءٌ وصيعت ٿي ڪريان ته ساجن منهنجي امانت،

... منهنجي مرڻ ڪانپوءِ ڪنهن ضرورتمند کي ملي. هاڻي مونکي

... هڪ پل لاءِ به ڇڏي نه وڃجانءِ. نه دوا لاءِ نه ٻيءَ ڪنهن ضرورت

... ءِ. آءٌ چاهيان ٿي آخري ساهه تنهنجي گود ۾ ڪٽان.“

ساجن چُپ ٿي ويو. دل جو دونهون آلو ٿي اکين مان ٽمڻ لڳس.

پِريا چيس- ”نه روءُ ساجن. تنهنجي روئڻ سان آءٌ چئن سان

... مري به نه سگهندس. اِسپتال ۾ پيرتي نه ٿي مون هڪ طرح سان

... خودڪشي ڪئي آهي، تون خودڪشي نه ڪجانءِ. مونکي چتا

... جي حوالي ڪري فورن وڃي پيرتي ٿجانءِ. آءٌ چاهان ٿي تون

ساجن چيس- ”شادي ٿارڻ بجاءِ گائيڊ لائين جو پالن ڪندي سادي نموني ڪري ڇڏجو.“

”اُها بہ جڏهن اِجازت ملي نہ.“

ويڪسن اڃا نہ آئي هئي. اُن تي سياست شروع ٿي ويئي. وروڌي طرح-طرح جا افواهہ ڦهلائي پبلڪ کي گُمراهہ ڪرڻ لڳا. جڏهن آئي تہ مرڪزي سرڪار تي راڄين سان ڀيدڀاوَ جا اِلزام لڳائڻ لڳا. ٻاهران ويڪسن گهرائڻ جي اِجازت گُهرڻ لڳا. جيئن اِن بهاني پنهنجا جيب ڀري سگهن. ڀين کي گُمراهہ ڪرڻ وارا خود ويڪسن لڳارائڻ لڳا ۽ ويڪسن جي ڪميءَ تي سوال اُٿارڻ لڳا. مطلب سانڍي وانگر رنگ بدلائڻ لڳا. وروڌ جي ڪري ئي هر زبان تي موديءَ جو نالو هو. سوارٿي نيتائن جي سازش جو خاميارو عوام کي ڀوڳڻو ٿي پيو. ڪيترين عوّرتن جو سُهاڳہ اُجڙي ويو. ڪيترن مائرن جي گود اُجڙي ويئي. ڪيترا ٻار اناٿ ٿي ويا. ڪوئي شهر، ڪوئي گهر ڪورونا جي مار کان آجو نہ رهيو.

پِريا جي ڪِرندڙ صحت ساجن کان لڪل رهي نہ سگهي. سندس دل درد کان آزاريل هئي. پر هوُ بيوس هو. ساجن جي پيڙا کي پِريا محسوس ڪري هن ساجن جو هٿ پڪڙي چيائينس- ”ساجن، آءٌ تنهنجي پيڙا محسوس ڪري رهي آهيان. اسان جو درد جو رشتو جلد ختم ٿيڻ وارو آ.“

”پِريا، اسان جو تہ جنم جنم جو ناتو آ.“

”ٻئي جنم کي ڪنهن ڏٺو آ؟ اِهي دل کي تسليِ ڏيڻ جون ڳالهيون آهن. ساجن اهڙي پيڙا ڀوڳڻ وارا اسين اڪيلا بہ ڄڻا نہ آهيون انيڪ هوندا. اهڙي ڪائي دردوند ملئي تہ اُسان سان درد جو رشتو جوڙجانءِ. اُن جو درد ورهائجانءِ، اُن کي اپنائجانءِ.“

”پِريا آءٌ تو بنا جيِ نہ سگهندس. ٻاڙ کي سنڀالي ويٺو آهيان

منهنجي مدد جي ضرورت آ، تون فورن اِندور روانو ٿي، گهر نہ
ڇي سڌو ريجنل پارڪ شمشان پوميءَ پهچي منهنجو اِنتظار
ڪجانءِ. آءٌ توکي اُتي ملندس. اُتي پهچي چِتا جي لڪڙين جو
انتظام ڪجانءِ. اِها خبر فلحال منهنجي ۽ پريا جي گهر وارن
کي نہ ڏجانءِ ۽ ها، مون ڪان پري رهجانءِ، آءٌ بہ ڪورونا پازيٽو
آهيان، مونسان موبائيل تي ئي ڳالهائجانءِ.''
ساجن ڪنهن کي مدد لاءِ گُهرائي سنڪٽ ۾ وجهڻ نہ پيو چاهي.
ڪُجهہ سوچي هوُ ڪپڙن سُڪائڻ واري نوڙي کولي کڻي آيو. پريا
جي لاش کي چادر ۾ لپيٽي نوڙيءَ سان ٻڌائين. اُن ڪان پوءِ
جيڪب آباد پون ۾ شَوَ واهن لاءِ فون ڪيائين. فون لڳاتار بزي اچي
رهيو هو. ڪافي دير ڪان پوءِ فون لڳس. ساجن پنهنجي گهر جو
پتو ٻُڌائي شَوَ واهن موڪلڻ لاءِ عرض ڪيو.
ساجن اِنتظار ڪرڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ شَوَ واهن آيو، ڊرائيور
هيٺ لهي واهن جو پويون گيٽ کوليو. شو واهن ڏسي پاڙي جا
ڪيترا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. ڪويتا بہ گهر جي چائنٽ وٽ اچي
بيٺي. ساجن پريا جي لاش کي ٻانهن ۾ کڻي ٻاهر نڪري آيو. ڏسي
ماڻهن جي وات مان سيسڙاٽ نڪري ويا. ڪويتا پنهنجي ڇيخ
روڪڻ لاءِ پنهنجو ڊپٽو وات ۾ دٻايو. اکين مان جهر-جهر نير
وهائڻ لڳي.
ساجن پريا جي باڊيءَ کي اندر ڪري سوري سيٽ تي رکيو ۽
پوءِ پاڻ مٿي چڙهي ويو . لاش کي ٻانهن ۾ پڪڙي ويٺو. ڊرائيور
گيٽ ڪليل رکيو. واهن اڳتي وڌائي شمشان جو رُخ ڪيائين.
ريجنل پارڪ مساڻ وٽ پهچي، واهن روڪيائين. ساجن هيٺ
لهي لاش کي سوري ٻانهن ۾ سنڀاليو. ڏنائين ستيش جي ڪار اُتي
بيٺي هئي، اندر وڃي ڏنائين ستيش سان گڏ سورج بہ آيو هو.

ونجي ويو آهين، تنهنجو هٿ توکي سنڀالي ويٺو آهي، اِن جو سهارو نہ ڇڏجانءِ. واعدو ڪر مونکان پوءِ بہ پاڻ کي سنڀالي وٺندين ۽ فورن وڃي پرتي ٽيندين.“

ساڄن پِريا جو هٿ پڪڙيو. پِريا جو هٿ ٿڌو لڳس. پِريا جو ساهہ ڦولجڻ لڳو. ساڄن بستري تي وڃي پِريا جو مٿو گود ۾ رکي هٿن جي مالش ڪرڻ لڳس.

پِريا چيس- ”ڪويتا کي فون ڪري چئو تہ موبائيل آن ڪري مونکي سِتار وڄائي ٻڌائي، تون بہ اِسپيڪر آن ڪري موبائيل منهنجي ڪن سان لڳائجانءِ.“

ساڄن ڪويتا کي فون ڪري پِريا جو نياپو ڏنو. ڪويتا سِتار کڻي آئي. موبائيل جو اِسپيڪر آن ڪري موبائيل ستار جي پرسان رکي سِتار وڄائڻ لڳي. پِريا سِتار جي جهنڪار ٻڌندي رهي، چهري تي سڪون جا پاوَ اُڀريس. ساڄن پِريا جو هٿ پڪڙي ويٺو هو.

جيئن ئي ڪويتا سِتار وڄائڻ بند ڪئي، پِريا جو هٿ صفا ٿڌو ٿي ويو. اکيون تہ اڳہ ئي ٻوٽي ڇڏيون هئائين. ساڄن پِريا جي نبض تپاسي، نبض غائب هئي. نڪ تي آڱر رکيائينس ساهہ هلڻ بند ٿي ويو هوس. ساڄن پِريا کي کڻي ٻانهن ۾ جڪڙيو. پِريا جي آتما ساڄن جي پڪڙ کان ٻاهر هئي.

ساڄن پِريا کي ليٽائي چادر سان ڍڪيو. پِريا جي موبائيل ۾ وقت ڏٺو، صبوح جا اٺ وڳا هئا. ساڄن جي پنهنجي موبائيل ۾ واچ پريا جي علاج ۾ خرچ ٿي ويئي هيس.

پِريا جي موبائيل مان ستيش کي فون لڳائي چيائين- ”ستيش، پِريا نہ رهي.“

ستيش رڙ ڪري چيس- ”ڇا ٿو چئين؟“

”ها دوست، ڪورونا مونکان منهنجي پِريا ڦري ورتي. مونکي

ڇنا جون لپٽون هلڪيون پوڻ لڳيون. ساجن مُڙيو، گيٽ طرف وڌيو. ٻاهر نڪتو. شوَ واهن وچي چڪو هو. ستيش ۽ سورج اڳ ئي هليا ويا هئا. ساجن پئدل ئي وڃڻ لڳو. گهر نه وڃي نگر نگم جو رُخ ڪيائين. ڊبل ماسڪ لڳائي رکيو هئائين. رستي تي اڪو دڪو ماڻهو هئا ته به سيني کان دوري بڻائي هلي رهيو هو.

جڏهن ساجن نگم جي مئن گيٽ وٽ پهتو ته هڪ چپراسيءَ کيس ڏسي سلام ڪيو ۽ ساجن وٽ وڌڻ لڳو. ساجن اِشاري سان ويجهو اچڻ کان منع ڪيس. هوُ هلي ايترو چپراسيءَ جي ويجهو ويو جو اُن سان ڳالهائي سگهي. ساجن پُڇيس، ”رامناٿ صاحب آهي آفيس ۾؟“

رامناٿ- ”هئن صاحب.“

ساجن- ”اُنسي جا ڪر ڪهو، آءٌ آيو آهيان، آءٌ ايترا ڏينهن غيرحاضر رهيس جو منهنجي گهرواريءَ جي طبيعت نيڪ نه ٿي، آج اُسڪي مرتيوُ هو گئي، اُسڪا اگني سنسڪار ڪرڪي سيڌا يهان آيا هوُن، مئن ڀِي ڪورونا پازيٽو هوُن، مُجهي ڀرتي ڪراني ڪي ويوستا ڪرين.“

رامناٿ وڃي ڪمشنر صاحب کي ساجن جو نياپو ڏنو. ٻُڌي صاحب کي ڏُک ٿيو. رامناٿ کي چيائين- ”ساجن ڪو وهين رُڪني ڪو ڪهو.“

ڪمشنر صاحب ضلع اِسپتال جي اِنچارج کي فون ڪري چيو- ”نگر نگم جو هڪ آفيسر بيمار آهي، اُن کي فورن ڀرتي ڪرڻو آهي. نگم آفيس ائمبولنس موڪليو. کيس ڀرتي ڪري علاج شروع ڪيوس.“

ساجن کي گهڻي دير اِنتظار نه ڪرڻو پيو، ائمبولنس آئي کيس هاسپيٽل وٺي ويئي.

ٻنهين ڪانيُون وٺي اڌ چِتا ٺاهي رکي هئي. ساڄن کي ڏسي ٻئي هڪ طرف هٽي ويا. ساڄن پِريا جي لاش کي وچي چِتا تي رکيو، باقي ٻچيل ڪانيون هڪ هڪ ڪري مٿان رکندو ويس. سڀئي ڪاٺيون ڍڪجي ويئي.

ساڄن ستيش کي فون لڳائي چيو، ”دوست مون توکي اِنڪري گُهرايو آهي تہ تون پِريا جي چِتا کي ڏسي سُڃاڻي ڇڏ. پرهينءَ هاڻيون ميڙڻ بہ توهان کي اڇٽو آهي. آءٌ نہ ملندوساںوءِ. ڪٿي هوندس سا مونکي بہ خبر نہ آهي. مون وٽ موبائيل بہ نہ هوندو. هيءُ موبائيل پِريا جي آهي، پِريا جي آخري نشاني اُن کي بہ چِتا جي حوالي ڪندس. هاڻيون ڪٺي اُجين وچي رتن کي ساڻ وٺي وچي سُپرا ۾ پرواهہ ڪرائجو. ڊئڊيءَ کي چئجو گائيڊ لائين جو پالن ڪري پڳڙي رسم ۽ ٻيون ريتيون رسمون پوريون ڪرائن. پريا جي ماءُ پيءُ کي بہ گهرائن.“

ايترو چئي پرسان رکيل گاهہ جي پنڊي ۽ ماچيس کٽي گاهہ ٻاري چِتا کي اگني ڏنائين. ستيش ۽ سورج هيءُ حؤلناڪ منظر ڏسندا رهيا.

پِريا پيءُ جي گهران فقط بہ شيون کٽي آئي هئي. سِتار ۽ موبائيل. سِتار ڪويتا کي ڀيٽ ڪئي هئائين باقي موبائيل ساڄن چِتا جي آگہ جي حوالي ڪري جڳ سڄي سنسار سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو. دوستن کي وڃڻ جو اِشارو ڪيائين. خود چِتا جي پرسان ويٺو رهيو.

چِتا جي اگني پوريءَ طرح ڦهلجي چُڪي هئي. چئني طرف کان لپٽون اُٿي رهيون هيون. ساڄن چِتا مان اُٿندڙ لپٽن جي سيڪ سان جڳ پنهنجي اندر ڪورونا جي وائرس کي مات ڪرڻ پيو چاهي.

”نيميچند جي ڏئريہ رکو. اب يي سوچو اَنتم سنسڪار ڪئسي
ڪيا ڪرنا هئہ؟“
”مئن اڪيلا ڪيا ڪرونگا؟“
”آپ اڪيلي نهين هئن، هم سڀ آپڪي ساٿ هئن. رتن
ستيش اؤر اُسڪي مترون ڪي ساٿ بهوُ ڪي اَستيان وِسرجت
ڪرني گئي هئن آئين تو اُنڪو بُلا ليتا هون.“
”ساجن ڪهان هئہ؟“
ستيش ني بتايا بهوُ ڪي ساٿ رهہ ڪر وهہ ڀِي سنڪرمت هو
گيا ٿا، اُسني ستيش ڪو بُلايا ٿا، اگني سنسڪار ڪي باد استي
سنچيہ ڪا دايتوَ ستيش ڪو سؤنپ ڪر خود پرتي هوني چلا گيا.
پتا نهين ڪهان؟ اُسڪي پاس موبائيل ڀِي نهين هئہ ڪِ سمپرڪ
ڪر سڪين، پتا نهين ڪس حال ۾ هوگا؟“
”ڀاگيہ ني هماري ساٿ ڪروُرَ مذاق ڪيا هئہ.“
”آپ جن لوگون ڪو بُلانا چاهين، سوُچت ڪر دين، سميہ طيءِ
ڪرڪي اپني براهمڻ ڪو ڀِي بُلائين.“
نيميچند ڀاري من سان موبائيل نمبر گُهمائڻ شروع ڪيا.
دوارڪاداس ستيش ڪي فون لڳائي پُڇيو- ”ڪٿي آهيو؟“
ستيش چيس- ”١۵ منٽن ۾ موٽنداسين.“
”ٻُڌ پُٽ، پِريا جي ماءُ پِريا جي مؤت جو ڏڪو برداشت نہ
ڪري سگهي، گُذاري ويئي. آءٌ ساجن جي ساهري گهران ٿو ڳالهايان.
رتن کي چئہ تہ ماءُ کي وني هِتي اچي. تون ٻن دوستن کي چئہ
تہ ڪفن ۽ ڪاٺيءَ جو سامان وني اچن. تون باقي دوستن سان گڏ
هِتي اچي وڃ.“
”انڪل اڃهو ٿا پهچون.“
ستيش آيو تہ سورج سان گڏ ڪُمدنيءَ جي لاش کي اُنان ڪٽي

ٻن ڏينهن کانپوءِ ستيش ٻن دوستن سان گڏ اِندور آيو. پريا جون هانيون ميڙي اُجين وڃي دوارڪاداس جي گهر ڪار بيهاري. دوارڪاداس کي پِريا جي موّت جي خبر ڏيئي چيائين، اسين هانيون ميڙي ڪٺي آيا آهيون. رتن ساڻ ڏيو تہ وڃي پرواهہ ڪري اچون. ٻُڌي دوارڪاداس بُت بڻجي ويو. ستيش ساجن سان ٿيل ڳالهہ ٻُڌايس. ٻُڌي گهر ۾ هاهاڪار مچي وين. دوارڪاداس دُڪان بند ڪرايو. رتن کي ستيش سان گڏ موڪليائين. ويچار ڪري پڳڙين جو وقت طيءِ ڪري براهمڻ کي اچڻ لاءِ چيائين. ٻين قريبين کي فون ڪرڻ کان اڳ نيميچند کي فون ڪيائين. نيميچند کي چيائين- ”نيميچند جي بڙا هِي دُکد سماچار هئہ.“

نيميچند گهبرائجي پُڇيس، ”ائسا ڪئسا دُکد سماچار هئہ؟“

دوارڪاداس ٿڏو ساهہ کڻي چيس- ”بهوُ راڻي نهين رهِي.“

نيميچند رڙ ڪري چيس- ”نهين، ائسا نهين هو سڪتا.“

ڪُمدنيءَ پُڇيس- ”ڪيا هوئا جِي؟“

نيميچند- ”پِريا بيٽي نهين رهِي.“

ڪُمدنيءَ جي واتان مان نڪتو- ”هاءِ“ ڇاتي دٻائي ويهي رهي تہ وري نہ اُٿي. نيميچند چلايو- ”پريا ڪي مان.“

دوارڪاداس جو موبائيل چالو هو، انديشو ٿيس تہ نيميچند جي گهر بہ ڪوئي حادثو ٿيو آهي. فون ڪيائين، ڪوئي جواب نہ مليس. اِسڪوٽر کڻي سيٺ جي گهر ويو. اُتان جو منظر ڏسِي وايون بتال ٿي ويس. ڪُمدنيءَ جو لاش پٽ ۾ پيو هو. نيميچند متو پڪڙي پرسان وينو هوس. نيميچند جي ڪُلهي تي هٿ رکي چيائينس- ”اچانڪ يي ڪيا هو گيا؟“

نيميچند ورلاپ ڪندي چيو- ”مئن لُٽ گيا، برباد هو گيا، ميري پاس ڪُڇ نهين رها...“

ئي گهر تباهہ هو گئي هئن، ڪئي گهرون ڪي چوُلهي نهين
 رهي هونگي، ڪُڇ لوگون ڪي پاس دوائي ڪي ليئي پئسي
ين هونگي، اوُر يي ڪتني سمسيائين هونگي، تُم اپني مترون
ي ساٿ ٽيم بنائو، يوجنا بنوا ڪر ضرور تمندون ۾ وترت
رائو. جنڪو دوائيون ڪي ضرورت هو انُهين هر طرح ڪي مدد
چائو. ڪل سي هي يي سيوا ڪاريہ شروع ڪر دو، يي رهي
جوڙي ڪي چابي، جب جب جتني پئسون ڪي ضرورت هو
ڪال ڪي لي جانا.''

''انڪل چابي اپني پاس رکو، جب جتني ڪي ضرورت هوگي
ڪر آپ سي لي جائينگي. هم ڪل سي هي آپڪي آگيا ڪا پالن
روع ڪر دينگي.''

ٻئي ڏينهن کان ستيش دوستن سان سيوا ڪاريہ شروع ڪري
ڏيو. پريا جي ٻارهين ڪُمدنيءَ جي تيروهين جي رسم کانپوءِ
يمچند تنهائيءَ جي سزا ڀوڳڻ لڳو.

ساڄن جو ڪوئي پتو نہ هو.

ساڄن ضلع اِسپتال ۾ پرتي هو. چيڪ-اپ کانپوءِ ڊاڪٽر حيران
ئا تہ ساڄن اجا تائين جيئرو ڪيئن هو. سندس همت حوصلي
ان ڊاڪٽر متاثر هئا. سندس پورو ڌيان رکي رهيا هئا. ساڄن علاج
ڊاڪٽرن کي پورو سهيوگہ ڪري رهيو هو. ڊاڪٽر سندس خاص
يان رکڻ لڳا.

ساڄن کي وقت تي جيڪي ملندو هو، صبر سان کائيندو هو.
ڇپ چُپ رهندو هو. هر وقت خيالن ۾ گُم رهندو هو. پنهنجا سوُر
ڪنهن سان بہ نہ سليندو هو. علاج مٿس هلڪو اثر ڪري رهيو هو.
ستاف ۾ هڪ نرس هئي آشا. سيواڀاوي، سڀاجهي سڀاءُ واري.
سندس نيم هو صبوح جو اچڻ سان مريضن کي چوندي هئي. گُڊ

وراڻڊي جي هڪ ڪُنڊ ۾ ليٽايو. جمنا اچي لاش جي مٿي وٽ ڏيئو ٻاري رکيو. پنڊت آيو، ڪفن ۽ ٻي سامگري ٻه اچي ويئي. ارٿي تيار ڪئي ويئي. جمنا پاڙي جي هڪ زالفان سان گڏجي ڪُمدنيءَ کي سنان ڪرائي ڪفن اوڍايو. ستيش ۽ سندس ٻيا ٽي دوست ڪانڌي بڻيا. شَوَ واهن کي گُهرايو ويو. چئني دوستن گڏجي ارٿي کنئي. نيميچند کي اُتي ئي روڪيائون. دوارڪاداس گڏ رهيس. ارٿيءَ سان گڏ دُڪان جا نؤڪر ۽ ڪُجهه پاڙي وارا گڏ ويا. کي واهن ۾ وينا کي پنهنجي ڪار ۾.

اگني سنسڪار کان پوءِ سيني رام گهاٽ تي وڃي نديءَ ۾ سنان ڪيو. ڪپڙا بدلي واپس موٽيا. گهر ۾ جن جڳهين تي ڪُمدنيءَ جو لاش پيو هو، انهن ٻنهي جڳهين کي صاف ڪيو. ڪُمدنيءَ جا لاٿل ڪپڙا ۽ چادر گهر ٻاهر رکيائون. پاڙي واريون هلي ويون هيون. ڪم واريءَ ڇوڪريءَ ۽ پاڻ ٻنهين سنان ڪري ڪپڙا بدلايا. نيميچند ۽ دوارڪاداس ٻه سنان ڪيو. ستيش گهر فون ڪري روٽي چئي ڇڏي هئي. ستيش جو پاءُ روٽي کڻي آيو. پهريائين ڪانڌين روٽي کاڌي پوءِ ٻين. دوارڪاداس نيميچند کي منٿ ڪري ڪُجهه گرهه کارايا. شام جو پڳڙي رسم کان پوءِ اچڻ جو چئي دوارڪاداس ۽ ٻين موڪليو. ستيش سورج کي اُتي رُڪڻ لاءِ چيو. باقي سڀ هليا ويا.

شام جو پريا جي پڳڙيءَ جي رسم کانپوءِ ڪُجهه ماڻهو نيميچند جي گهر ويا. رسوئيءَ لاءِ رسويي جو بندوبست ڪيو ويو هو. ٻن ڏينهن کانپوءِ ڪُمدنيءَ جي پڳڙي رسم ٻه پوري ٿي. ڪير ٻه نه هو جنهن کي پڳڙي ٻڌي وڃي، اُن لاءِ ٻه ستيش اڳتي آيو.

شام جو پڳڙي رسم کانپوءِ نيميچند ستيش کي چيو. ”بيٽا ميري اوپر ايڪ اُپڪار ڪرو. ڪورونا ني بڙي تباهي مچائي هئه.

رڊ جي مريضن اُتي هٿ جوڙي ڳُڊ مارننگ ڪيس. ساڄن هٿ
وڙي چيس- ”ويري ويري ڳُڊ مارننگ.“ آشا ساڄن ڏانهن نهاريو.
ريون دفعو ساڄن جي هلت ۾ بدلاوَ محسوس ٿيس.
ساڄن چيس- ”ديوي تون مهان آهين، آءٌ توکي پرڻام ٿو
ريان.“
آشا چيس- ”اِٽ اِز آل رائيٽ. ڊيوٽي اِز ڊيوٽيِ.“
هوءَ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويئي. سيني کان حال پُڇيائين. دوا
ڻ جي باري ۾ پُڇيائين. چارٽ چيڪ ڪيائين.
ڪُجهه دير کان پوءِ ڊاڪٽر سان گڏ آئي. ڊاڪٽر چاهي نرس
نهن تي ماسڪ لڳائي خاص طرح جي ڊريس پاتل هئا. هٿن ۾
ستانا پيل هين. بار-بار هٿ سينيٽائيز ڪري رهيا هئا. نرس کي
ڪجهه هدايتون ڏيئي ڊاڪٽر ٻئي وارڊ ۾ هليو ويو. پلنگن جي
ڪميءَ ڪري هڪ-هڪ وارڊ ۾ ٽي-چار پلنگ رکيل هئا. ڪوئي
ال هو نہ اُتي ڇهه کان اٺ پلنگ رکيل هئا. وچم وڇوٽي رکي
ويئي هُئيِ. ساڄن واري وارڊ ۾ ڇهه پيشنٽ هئا.
ڊاڪٽر جي وِڃڻ کانپوءِ آشا ڪنهن کي دوا پيئڻ لاءِ ڏنائين،
ڪنهن کي اِنجيڪشن لڳايائين، ڪنهن کي ڊرپس چاڙهيائين تہ
ڪنهن کي آڪسيجن لڳايائين. هوءَ ساڄن وٽ ويئي، کيس دلاسو
ڏنائين، حوصلو ٻڌائي رکڻ لاءِ چيائينس.
ساڄن چيس- ”جڏهن کان ٻُڌو آ، آءٌ تنهنجي باري ۾ سوچي
رهيو آهيان، آءٌ محسوس ڪري رهيو آهيان، تنهنجي اندر
جوالامُکي سُلگيِ رهيو آهي، لاوا ٻاهر اچڻ لاءِ آتر آهيِ، تو وڏيءَ
مشڪل سان اُن کي روڪي رکيو آ. پر ڪيستائين؟“
آشا- ”پليز، اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر آءٌ ڪمزور پئجي ويندس.
جيڪي حالات ٻڌيا آهن، منهنجو ڊيوٽيءَ تي اچڻ ضروري آهي.“

مارننگ، سُپر يات. سڀ مريض هٿ جوڙي سندس آجيان ڪندا هئا. آشا جي اچڻ ڪانپوءِ مريضن کي لڳندو هو هاڻي صبوح ٿيو آهي. ساجن خاموش رهندو هو، سندس گُڊ مارننگ جي ڪائي موٽ نہ ڏيندو هو. آشا کي سندس هلت جي حيراني ٿيندي هئي. پُڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس تہ ساجن جي زال جو ڪورونا جي ڪري مؤت ٿيو هو. اُن صدمي ۾ ورتل هو. آشا کي ساجن سان همدردي ٿي ويئي پر همدردي ظاهر ڪرڻ جو ڪڏهن موقعو نہ مليو هيس. سوچيندي هئي، ساجن پتنيءَ سان بيحد پيار ڪندو هوندو، جوٽس ساجن سان بيحد پيار ڪندي هوندي، تڏهن تہ دل تي گهرو صدمو پهتو اٿس. آشا طيءِ ڪيو تہ ساجن جي درد کي ڪنهن حد تائين دور ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندي. ڪيس خبر نہ هئي تہ ساڻس ڇا ٿيڻ وارو آهي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو آشا نہ آئي. مريض سندس اچڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳا. آشا ٻئي ڏينهن بہ نہ آئي. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿين تہ آشا جو مڙس ڪورونا ۾ گُذاري ويو هو. ڊاڪٽر هو، ٻيءَ اِسپتال ۾ ڪم ڪندو هو. اُتي ئي سيوا ڪندي ڪورونا پازيٽو ٿي ويو هو ۽ اُتي ئي پرتي ٿِي هو. ٻُڌي سيني کي بيحد ڏُک ٿيو. ساجن کي بہ بيحد ڏُک ٿيو. آشا جي ڇهہ مهنا اڳ ئي شادي ٿي هئي.

ساجن سوچڻ لڳو پريم ڪرڻ وارن سان ئي قدرت اهڙو ظلم ڇو ٿي ڪري. ڪيتري معصوم، ڪيتري سيواڀاوي آهي آشا. مڙس جي شيوا ڪرڻ بجاءِ هِتي مريضن جي سيوا ڪري رهي آهي. هاڻي ڇا ڪندي؟ الائي گهڻو وقت لڳيس ڏُک مان اُڀرڻ ۾.

سيني کي حيراني ٿي جو چوٿين ڏينهن آشا ڊيوٽيءَ تي اچي ويئي. آشا کي ڏسي سڀ حيران ٿي ويا. آشا جي چهري تي ڏُک جا ڀاوَ نظر نہ آين. گنڀير ضرور هئي. اچي گُڊ مارننگ چيائين. جنرل

شا اُٿي وڏي پنهنجو مٿو ساجن جي ڪُلهي تي رکيو. ساجن
ان مُڙيو، پُنيان آشا هئي. هوُ چُپ ٿي ويو.
شا ٽوڪيس- ”چُپ ڇو ٿي وئين؟ ڳاءِ نہ.“
اجن ڳائڻ شروع ڪيو-

’اب اپنا تڙپنا ڀي ڪسي ڪام نہ آيا هئہ،
دل ني دل ني جسي پايا ٿا، آنکون ني گنوايا هئہ،
ٽوٽي هوئي خوابون ني...
لوٽ آئي سدا ميري، ٽڪرا ڪي ستارون سي،
اُجڙي هئہ دنيا ڪي سُنسان ڪنارون سي،
سُنسان ڪنارون سي...‘

آشا پاڻ کي روڪي نہ سگهي. ساجن جا ٻئي ٻانهون پڪڙي دٻيل
ڪا پري روئڻ لڳي. ساجن مُڙيو، پنهنجي هٿن سان سندس
ڙها اُگهيائين. سندس پُنيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳو. هوُ وڏيڪ نہ ڳائي
هيو. مريض جيڪي چاهہ سان گيت ٻُڌي رهيا هئا، سڀ ڏُکي
 ويا.
 آشا خود کي سنڀالي چيو- ”دير ٿي ويئي آ، هلان ٿي. سُڀاڻي
نداسين.“
 ساجن دري بند ڪئي. پنهنجي بستري تي موٽي ويو. هوُ سوچي
هيو هو، آشا کي روئاري سندس ڪُجهہ تہ درد هلڪو ڪيو آ. هن
يون ٻوٽي ڇڏيون. هن بند اکين سان پريا کي مُسڪرائيندي
ٿو. اکيون کولي ڇڏيائين. سامهون ڪير بہ نہ هو. ٻيهر اکيون
وٽڻ جي همت نہ ڪري سگهيو. اُٿي ويهي رهيو، هڪ پيشنٽ
يس- ”ڀائيجان، آپڪي نغمي ني دل ۾ ڪانٽي ڀي چُڀوئي،
حت ڀي بخشي، آپڪي اِنايت هوگي آپ روز ڪوئي نغما
نائين.“

هوءَ رُڪجي نہ، تيز قدمن سان اڳتي وڌي ويئي.

ساڄن کي پريا جون چيل ڳالهيون ياد آيون، هوُ سوچ ۾ پئجي ويو. پريا کي اِن ڳالهہ جو اڳوات اندازو ڪيئن ٿي ويو هو تہ منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي زائفان ايندي، جيڪا دردمند هوندي. مونکي اُن جو درد ورهائڻو پوندو. ڪيئن اُن سان درد ورهايان؟ هوءَ ڪن پل لاءِ ئي تہ اچي ٿي مون وٽ. وارڊ ۾ ايترن ماڻهن جي سامهون ڪيئن مان اُن سان درد ورهائڻ جون ڳالهيون ڪريان؟

ساڄن لڳاتار پريشان رهيو، وڃي وارڊ جي هڪ کڙڪي کوليائين. سامهون گهاٽا وڻ هئا. هڪ ٽُڪرو آسمان هو. هوُ اُتي بيهي سامهون نهاريندو رهيو.

انڌيرو ڇانجڻ لڳو. اونداهي پڪش جي رات وڌندي ٿي آئي. آڪاش ۾ ستارا جهلملائڻ لڳا. ساڄن کي لڳو تارا سندس کِل اُڏائي رهيا هئا.

آشا وچڻ کان اڳہ وارڊ جو رائونڊ لڳائڻ آئي هئي. ساڄن کي بيڊ تي نہ ڏسي نظر گُهمايائين، ڏٺائين ساڄن دريءَ وٽ بيٺو ٻاهر نهاري رهيو هو. هوءَ مُڙي وڃڻ واري هئي تہ سندس ڪنن ۾ درد ۾ ٻُڏل آواز گونجيو. هوءَ رُڪجي درديءَ طرف وڌي ويئي. ساڄن ڳائي رهيو هو.

’ٽوٽي هوئي خوابون ني همڪو يي سڪايا هئہ،
دل ني دل ني جسيپايا ٿا، آنڪون ني گنوايا هئہ.‘

ساڄن جي قريب وڃي آشا جا قدم رُڪجي ويا، هوُ ڳائي رهيو هو.

’هم ڍونڍتي هئن اُنڪو، جو مِلڪي نهين مِلتي،
روتي هئن نہ جاني ڪيون، مهمان وو ميري دل ڪي،
مهمان وو ميري دل ڪي...‘

’هئن سپ سي مڌر وو گيت جنهين هم درد کي
سور ۾ گاتي هئن، هم درد کي سور ۾ گاتي هئن
سيني ۾ ڇُپائي درد پرائي
هنسنا هنسانا سيکہ ذرا، توُ هنسنا هنسانا سيکہ ذرا
طوفانو سي کهدو گهر کي اُنهين
هم پيا کا ديپ جلاتي هئين
هم پيار کا ديپ جلاتي هئين. هئين سب سي...
جب غم کا انڌيرا گهر آئي
سمجهو ڪِ سويرا دور نهين
سمجهو ڪِ سويرا دور نهين
هر رات کا هئہ پيغام يهي
تاري يي يهي دهراتي هئين
تاري يي يهي دهراتي هئن
هئين مڌر سپ سي وو گيت
جنهين هم درد کي سور ۾ گاتي هئن
هم درد کي سور ۾ گاتي هئين.‘

ساجن ڳائڻ بند ڪيو تہ وارڊ تاڙين جي گڙگڙاهٽ سان گوُنجڻ لڳو. اُتان هڪ ڊاڪٽر لنگهيو. آشا کان پُڇيائين، ”يي ڪيا هو رها هئہ؟“

”سر، ميوزڪ ٿيريپي. آپ ديکہ رهي هئن نہ، پيشنٽ ڪتني خوش هو رهي هئن، اِس سي اِنکي اميونٽي بڙهيگي جلدي ٺيڪ هوني لگينگي.“

”ويل ڊن. وئسي يي ڪس کا آئيڊيا هئہ.“

”ڪل ايڪ پيشنٽ اپنا غم هلڪا ڪرني کي ليئي گا رها تا، سب ڪو اڇا لگا، آج سب کي انوروڌ پر گا رها تا.“

اُن جي حمايت ۾ مريضن بہ ڪئي. ساڄن چيو، ”مان ڪوئي پيشيور گايڪ نهين هون ڪِ فرمائش پر گاتا رهون. دل ڪا درد اسهنيہ هو رها ٿا تيئي گيت ڪي بول ڦوٽ پڙي. مان ائسي حماقت نهين ڪر سڪتا ڪِ گاڪر ڪسِي ڪي درد ڪو بڙهائون.“

اُن ڪانپوءِ ڪنهن ڪُجهہ نہ چيو.

ٻئي ڏينهن آشا آئي تہ پهريائين وانگر چيائين، ”گُڊ مارننگ، سُپرياٽ.“

وارڊ جا سڀ پيشنٽ خوش ٿي ويا. بستري تان لهي اُٿي ويٺا. جُهڪي آشا کي پرڻام ڪيائون ۽ چيائون، ”سُپرياٽ.“

ساڄن چيو- ”ويري وري گُڊ مارننگ.“

آشا مُڙي ساڄن ڏانهن ڏٺو. ساڄن ۾ آيل بدلاءُ ڏسي سُنو لڳس. هوءَ پنهنجي روٽين ڪم ۾ لڳي ويئي.

آشا جڏهن مريضن کي دوا جو دوز ڏيئي آئي تہ هڪ پيشنٽ چيس- ”آپ اِن صاحب سي ڪهو، همين ايڪ گيت سُنائين تو همين اچا لگيگا.“

آشا ساڄن کي چيو- ”هنن کي ڪوئي گانو ٻُڌاءِ نہ.“

ساڄن چيس- ”مان توکي ٻيهر روئارڻ نٿو چاهيان.“

آشا چيس- ”آءُ وچان ٿي، هاڻي تہ هنن کي گيت ٻُڌائي خوش ڪر.“

”هيءُ تنهنجو حُڪم آهي؟“

”نہ منهنجي وينتي.“

”تون حُڪم ڪندينءَ تڏهن آءُ ڳائيندس.“

”منهنجو حُڪم ئي سمجهہ. آءُ وڃان ٿي. هاڻي تون ڳاءِ.“

آشا وارڊ کان نڪري پڙدي جي اوٽ ۾ بيهي رهي. ٻُڌڻ پيئي چاهي، ساڄن ڪهڙو گيت ٿو ڳائي. ساڄن ڳائڻ شروع ڪيو-

”پريا ڪهڙو وچن ورتو هو توکان؟“

”پريا کي پوُر پئجي ويا هئا تہ هوءَ ٿورن ڏينهن جي مهمان هي. هڪ ڏينهن چيائين، ساجن، اسان جو پيار جو رشتو، هاڻي رد جو رشتو بڻجي ويو آهي. منهنجي ڪري تون ڏُکي رهڻ لڳو هين. ساجن منهنجو ڏُکہ تہ چند ڏينهن ۾ دوُر ٿي ويندو. پر نهنجو ڏُکہ منهنجي وڇوڙي جي ڪري وڌِي ويندو.“

مون چيومانس- ”ڏُکي نہ ٿيءُ، توکان پوءِ آءٌ بہ جيِ نہ سگهندس. منهنجو ڏُکہ بہ دور ٿي ويندو.“

چيائين- ”ساجن، ڪورونا نہ ڄاڻ ڪيترن کي ڏُکي ڪيو آهي، ڪنهن کي تنهنجي ضرورت ٿي سگهي ٿي. توکي جئڻو پوندو. واعدو ڪر مونکان پوءِ تون پاڻ کي سنڀاليندين. فورن وڃي پرتيِ ٿي پنهنجو علاج ڪرائيندين.“

مون چيومانس- ”ڪهڙيءَ خطا جي سزا ڏيئي رهي آهين؟“

چيائين- ”تنهنجو منهنجو رشتو اٽوٽ آهي مرڻ کانپوءِ بہ آءٌ تنهنجي قريب رهندس ڪنهن دردوند جي اکين ۾ نهارجانءِ، منهنجي جهلڪ نظر ايندءِ.“

آشا سوچڻ لڳي ’ساجن منهنجي اکين ۾ پريا کي تلاش ڪري رهيو هو؟‘

ساجن وڌيڪ ٻڌايس- ”پريا چيو تون دردوند سان درد جو رشتو جوڙجانءِ. اُن سان ڏُکہ درد ونڊجانءِ، ورهائجانءِ اُن جي ڪايا ۾ تون مونکي محسوس ڪندين.“

ساجن جي ڳالهہ ٻُڌي آشا ڏڪي ويئي. ساجن چيس- ”آشا، اِهو ڪيئن تو ممڪن ٿي سگهي؟“

آشا چيس- ”ممڪن ٿي تہ ويو. تو مونکي روئاري منهنجو ڏُکہ هلڪو ڪيو. هاڻي تون پنهنجو ڏُکہ مون سان ونڊ. نراشا جون

”اڄا هئي، اِسڪا رزلٽ اڄا آيا تو اِسڪي انيه وارڊ ۾ پيِ شروعات ڪرينگي.“

ڊاڪٽر هليو ويو. آشا به ٻئي طرف هلي ويئي.

شام جو ساڄن سوچ ۾ ٻُڏل هو دريءَ وٽ بيٺو هو. تڏهن آشا اچي سندس پرسانِ بيهي رهي. ساڄن جو ان طرف ڌيان نه هو. ڪُجهه دير ڪان پوءِ آشا سندس ڪُلهي تي هٿ رکيو. ساڄن مُڙي ڏٺو. آشا پُڇيس- ”ڇا سوچي رهيو آهين؟“

ڪُجهه دير ساڄن آشا جي اکين ۾ نهاريندو رهيو. اُنهن ۾ اُداسي هئي. هوُ اُن وقت اُداس اکين ۾ پريا کي ڳولهڻ لڳو. اُداسيءَ جي پڙدي پُٺيان هڪ عڪس هئو جو چٽو نه هو. آشا ٽوڪيس- ”ڇا ڏسي رهيو آهين؟“

ساڄن چيس- ”تنهنجي اکين ۾ پِريا کي تلاش ڪري رهيو هوس.“

”بيحد چاهيندو هئين پِريا کي؟“

”مونکان وڌيڪ پريا مونکي چاهيندي هئي. امير پيءُ جي اڪيلي ڌيءُ هئي. پنهنجي سُک آرام کي تلانجلي ڏيئي مون سان شادي ڪيائين. اُجين ۾ رهڻ مُحال ٿي ويو. مون هتي اچي نوڪري ڪئي ۽ پِريا سان گڏ ڪِرائي جي مڪان ۾ رهڻ لڳس. پيڪي گهر ۾ ڪڏهن ڪک ڪٽي ٻيٽو نه ڪيو هئائين. هِتي سڀ ڪم ڪيس ڪرڻو ٿي پيو. اُن جي باوجود خوش هئي مونسان بيحد خوش.“

”تو منهنجي اکين ۾ پِريا کيَ ڇو ٿي تلاش ڪيو؟“

”ڇا جواب ڏيان؟ آشا مان اهڙيءَ دلدل ۾ ڦاٿو آهيان، جنهن ۾ نه ٻُڏي ٿو سگهان نه نڪري ٿو سگهان. آشا آءٌ پِريا بنا جيئڻ نٿو چاهيان ليڪن پِريا کي ڏنل وچن سبب مري نٿو سگهان.“

”تنهنجو سَسُ سُهرو اعتراض نہ ونندا؟“

”اُنهن بہ تہ پنهنجو پُٽ وڃايو آهي، تنهنجي هوندي ڪين
هارو ٿيندو.“

”سهارو تہ تون آهين، آءُ تہ اُنهن لاءِ غير ٿيندس.“

”ڏسي وٺنداسين، پهريائين پاڻ کي ٺيڪ تہ ڪر، هلان ٿي دير
ي ٿئي.“

ميوزڪ ٿيريپيءَ جو مريضن تي سُٺو اثر ٿي رهيو هو، تڪڙو
يڪ ٿي رهيا هئا ڪي تہ ٺيڪ ٿي گهر هليا ويا هئا. ڊاڪٽر سوچڻ
ڳو ان جو پريوگہ ٻين وارڊن ۾ ڪري ڏسجي. هوُ ان باري ۾
ىلاح ڪرڻ سي.ايم.او. وٽ ويو. ڊاڪٽر جي ڳالهہ ٻُڌي سي.ايم.او.
ٽتي ڪان اُکڙجي ويو. چيائينس- ”گوئيي مريضون ڪو ٺيڪ
ڪرني لگي تو هم ڊاڪٽرون ڪي ڪيا ضرورت. سرڪار ڊاڪٽرون
ڪو پرتي ڪرني ڪي بجاءِ گوئيون ڪو پرتي ڪرتي.“

ٻُڌي ڊاڪٽر جا نپ نري ويا. اُٺي وڃڻ لڳو. سي. ايم.او. چيس-
”سُنو نو مور گانا بجانا، اُس گوئيي ڪو پِي چلتا ڪرو، اپنا علاج
ڃود ڪريگا. بيڊ ڪسي اؤر پيشنٽ ڪي ڪام آئيگا.“

ڊاڪٽر چيس- ”سر وهہ نگم ڪمشنر ڪا آدمي هئہ.“

”تو؟“

”سر، اُسي ڪُڇ هو گيا تو ڪؤن جوابديهہ هوگا؟“

”ٺيڪ هئہ، رهني دو ليڪن اب نو مور گانا بجانا.“

ڊاڪٽر هليو ويو.

ڳائڻ تي روڪ لڳڻ سان مريض نراش ٿي ويا. ساڄن اُٺي وڏيڪ
ڙڪڻ نہ پيو چاهي. هن پنهنجو ڏيان ريڪوَر ٿيڻ ۾ لڳايو. هفتي
ڪانپوءِ رپورٽ ڏسي ڊاڪٽر ڪيس ڊسچارج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

آشا جي نائيٽ ڊيوٽي پوري ٿي چُڪي هئي. هوءَ ساڄن جي

ڳالهيون ڇڏ. آشا جون ڳالهيون ڪر.''

''آشا، آءٌ ڄاڻان ٿو، تون مونکي دلاسو ڏيئي رهي آهين پر پريا کي ڀُلائڻ منهنجي وس ۾ نه آهي.''

ساجن جي ڳالهه ٻُڌي آشا لرزي ويئي. ڏر تي ڦُهمندي نظر آيس. زور سان ساجن جو بازوُ پڪڙيائين. ساجن پُڇيس- ''ڇا ٿيو؟''

آشا چيس- ''چڪر اچي ويو.''

''آشا توکي ايترو جلد ڊيوٽي جوائن ڪرڻ نه کپندي هئي. تون هتي اڪيلي نرس ته نه آهين، ٻيون به ته آهن.''

''نه اچان ها ته، تنهنجو سهارو ڪيئن ملي ها؟ توکي ڪير سهارو ڏئي ها؟''

''آشا، تون به پريا جهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. بهرحال منهنجو ڏُک دور ٿئي نه ٿئي، اگر آءٌ تنهنجو ڏُک ڪُجهه دور ڪري سگهيس ته پريا جي آتما کي شانتي ملندي.''

''ساجن، تون پنهنجي حوصلي کي ڪمزور ٿيڻ نه ڏي، جلدي نيڪ ٿي وڃ.''

''نيڪ ٿي ويندس ڪيڏانهن؟''

''ڇو، تنهنجو پنهنجو ڪوئي نه اٿي؟''

''آهن، اُجين ۾ منهنجو گهر آهي، ماءُ پيءُ آهي، ڀاءُ آهي.''

''ته پوءِ ڇا پرابلم آ؟ پنهنجي گهر هليو وڃجانءِ نه.''

''هلڻ ڪاڻ هليو ويندس، پريا بنا رهي نه سگهندس. اُتي اجنبيءَ جيان رهندس ته منهنجا ماءُ پيءُ ڏُکي ٿي ويندا.''

''هاڻي تو بنا ڏُکي نه هوندا؟''

''نه ويندس ته سمجهي ويندا آءٌ به ڪورونا جو بکُه ٿي ويس. من ماري ويهي رهندا.''

''منهنجي گهر هلندين؟''

گيانچند چيس- ”تون جيڪو ڪوئي آهين، نہ وڃ. هيءُ گهر
ڪنوار جو آ. ناراض ٿي توسان گڏ هلي ويئي يا اسان کي ئي گهر
ان ڪڍي ڇڏيائين تہ اسان سڙڪ تي بيکہ پنندا نظر ايندا سين.“
آشا وات ۾ ڊُپٽو ڏبائي سُڏڪڻ لڳي. آشا کي روئندو ڏسي ساڄن
ڄون اکيون نم ٿي ويون. هوُ سندس دُکہ ۽ بيعزتي برداشت نٿي
ڪري سگهيو. وڃڻ لڳو تڏهن ڪرشنا گرجندي چيو- ”پُٽ تو
ونکي ماتا چيو آهي، توکي منهنجو قسم آرُڪ نہ وڃ، آءٌ هن کي
ڄهو ٿي سبق سيکاريان.“
ڪرشنا اندر پنهنجي ڪمري ۾ ويئي. ڪُجهہ ڪٽي موٽي.
سندس هٿ ۾ هڪ ڏبي هئي. ڏبيءَ جو ڍڪڻ هٽائي ساڄن کي
ڀرسان اچڻ لاءِ چيو، ساڄن جي قريب اچڻ تي چيائينس- ”ڪڻ
سندوُر جي چپٽي، پر ڪنوار جي مانگہ، ٻڻجي وڃ ڪنوار جو
ساڄن ۽ اسان جو پُٽ.“
ساڄن مُنجهي پيو. ڪنن ۾ پريا جو آواز گونجيس، سوچين ڇا
نو؟ پر آشا جي مانگہ ۾ سندوُر.
سَسُ جي ڳالهہ ٻُڌي آشا روئڻ ڀُلجي حيران ٿي ويئي. ساڄن
ڪنهن غئبي شڪتيءَ جي زور تي آشا جي مانگہ ۾ سندوُر ڀريو.
آشا ٻنهين هٿن ۾ مُنهن لڪائي رِوئڻ لڳي. ڪرشنا ڇاتيءَ سان
لڳائي چيس- ”نہ روءُ ڌيءُ. تو ساڄن کي هٿي وٺي اچي اسان
جي مٿان اُپڪار ڪيو اٿيِ. تو اسان کي اسان جو پُٽ ڏنو آهي.
وڃو ٻئي وڃي هٿ مُنهن ڌوئو، آءٌ چانهہ ناشتو ڪٽي ٿي اچان.“
آشا چيس- ”امــ آءٌ ٿي وڃيِ ناهيان.“
ڪرشنا- ”ٻچڙي، شرير اجا ايترو نڪمو نہ ٿيو آ جو هٿ پير
نہ هلائي سگهان. پتڙي کي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ويهار.“
گيانچند کي لڳو جڻ تہ گهر ۾ اڄ چاهيو شخص ٻڻجي ويو

ڊسچارج ٿيڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳي. ساجن ڊسچارج ٿيو تہ آشا آئو ۾ ويهاري گهر وٺي ويس. هڪ پرائي مرد سان گڏ نونهن کي آيس ڏسي سندس سَسُ سُهرو حيرت ۾ پئجي ويا ۽ عجب مان ڪيس ڏسڻ لڳا.

آشا چيين، ”ڊئڊي هي ساجن آهي.“

گيانچند رڙ ڪري چيس، ”اجا رميش کي گذري ٻہ هفتا بہ نہ ٿيا آهن تو پنهنجي لاءِ ساجن بہ ڳولهي لڌو؟ هن کي هتي ڇو وٺي آئي آهين؟ وڃ وڃي ساڻس سندس گهر ۾ رهہ.“

سُهري جي ڳالهہ ٻُڌي آشا هيانوَ ڦاڙي روئڻ لڳي. ڪرشنا مُڙس کي ڇڙٻ ڏيندي چيو- ”ڪهڙو ظالم اِنسان آهين؟ بنا پوري ڳالهہ ٻُڌي ڪنوار کي روئاري ڇڏيئہ.“

ساجن چيس- ”امڙ، آشا ديوي آ، اڃا اڪين جا اشڪ بہ نہ سُڪا هُيس، مريضن جي سيوا ڪرڻ اچي ويئي.“

”بيٽا، اِنڪري نؤڪري ڪرڻ اچي ويئي، جيئن اسان جي وات ۾ ٻن ويلن جو نوالو پوي. هي ناشڪرو، هن جو ڏُکہ گهٽائڻ بجاءِ طعنا هڻي ڏُکہ وڌائي رهيو اٿس.“

ساجن چيس- ”ماتاجي، منهنجو نالو ساجن آهي، آءٌ جنهن جو ساجن هُيس سا هاڻي هن دنيا ۾ ناهي. آءٌ اُن ئي اِسپتال ۾ ڀرتي هيس جنهن ۾ آشاديوي نرس آ. آءٌ نراش ٿي رهيو هيس، جيئڻ نہ پيو چاهيان. آشاجيءَ مونکي ڌيرج ٻڌيو. هوءَ پنهنجو ڏُکہ ڀُلائي پوريءَ لگن سان اسان جي سيوا ڪري رهي هئي. مونکي اڃا سار-سنڀال جي ضرورت هئي، هوءَ مونکي سهارو ڏيئي هتي وٺي آئي. توهان تي ڀروسو هيس تہ توهان مونکي سهارو ڏيندءُ. مونکي خبر نہ هئي تہ منهنجي ڪري ايترو بيعزتو ٿيڻو پوندس. توهان ڪيس ڪُجهہ نہ چئو، آءٌ وڃي رهيو آهيان.“

الهي سوري ڪاٽڻ شروع ڪيو. ٻُڪ برداشت نہ ٿيندي هيس.

سَسُ کي نيرن ڏيئي آشا ڪم ۾ لڳي ويئي. شام تائين ڪم ۾ لڳي رهي. منجهند جي رسوئي تيار ڪيائين. رات جي سبزي تيار ڪري رکيائين. اٽو ڳوهي رکيائين، پنهنجي لاءِ ٻہ ڦلڪا پچائي ٽفن تيار ڪري نائيٽ ڊيوٽيءَ تي هلي ويئي.

ساجن سوچڻ لڳو- ڪهڙي مٽيءَ جي آهي ڀارتي ناري؟ شادي ڪري پرائي گهر وڃي گهر کي، گهر وارن کي اپنائي ٿي سندن سُک دُک پنهنجو سُک دُک ٿي سمجهي. سيوا سمپرڻ پنهنجو ڌرم ٿي سمجهي. پراوا ڪيس اپنائن يا ترسڪار ڪن، هوءَ سڀ سهي بہ پنهنجو ناري ڌرم نڀائيندي ٿي رهي. سندن سيوا ۾ لڳي ٿي رهي. ڌنيہ آهي ڀارتيہ سماج. هڪ پرائيءَ جائيءَ کي اپنائي گهر جي راڻي بڻائي ٿي ڇڏي.

ڪرشنا آهہ ڀري چيو- ”ڪيتري بدنصيب آ ڪنوار، اڄ ئي سندس سچيءَ مانگہ ۾ ساجن سندوُر ڀريو، هڪ رات بہ سُک جي سُمهي نہ سگهي، ڊيوٽيءَ تي هلي ويئي.“

ٻئي ڏينهن ساجن ڊيوٽيءَ تي هو، آشا گهر. اِهو سلسلو ڪُجهہ ڏينهن هليو. ساجن جي غيرحاضريءَ کي ميڊيڪل ليوَ مڃي ڪيس پوري پگهار ڏني ويئي. گهر اچي ساجن پوري پگهار اچي ڪرشنا جي هٿ ۾ رکي. ڪرشنا پُڇيس- ”پُٽ هي پئسا ڪٿان آندءِ؟ مونکي ڇو ٿو ڏين؟“

ساجن چيس- ”منهنجي پگهار آ. ماءُ کي نہ ڏيان تہ ڪنهن کي ڏيان؟“

”پُٽ توکي بہ تہ ضرورت پوندي؟“

”پوندي ماتا، روز مونکي آفيس وڃڻ وقت ڪِرائي جا پئسا ڏجانءِ.“

آهي. ڪمري ۾ وڃي ساڄن آشا کي چيو- ”اڄانڪ حالت اهڙي بڻجي ويئي، آءٌ ڄاڻان ٿو ايترو سؤلو ناهي غير کي اپنائڻ. آءٌ توسان واعدو ٿو ڪريان اسين فقط ماتا جي سامهون زال مُڙس هونداسين باقي ته اسان ۾ درد جو رشتو رهندو.
آشا چيس- ”هڪ طرح سان سُٺو ئي ٿيو. هاڻي تون هتي اڪيلو ڪار سان رهي سگهندين.“
ساڄن چيس- ”اِن اُپڪار لاءِ آءٌ تنهنجو قرضدار رهندس.“
”ساڄن اُن ڏينهن تون ڳائين نه ها، آءٌ روئان نه ها ته، منهنجي دل جو درد هلڪو نه ٿئي ها. مونکي ڏُک مان اُٻاري اُپڪار ته تو منهنجي مٿان ڪيو آ. هاڻي ڇڏ اِنهن ڳالهين کي وڃي هٿ مُنهن ڌوئي آ، هاڻي هيءُ ڪمرو اسان جو شاملات ۾ رهندو.“
”آشا، آءٌ سنان ڪرڻ ٿو چاهيان، پر بدلڻ لاءِ مون وٽ ڪپڙا به نه آهن.“
آشا وڃي ٽوال ۽ مُڙس جو ڪُڙتو پاجامو آڻي ڏنس. ساڄن اٿيو باٿروم ۾ هليو ويو. هوُ سنان ڪري ڪپڙا بدلي ٻاهر ڪمري ۾ آيو. آشا کي پرم ٿيو ڄڻ هوُ سندس پتي رميش هو. چيائينس- ”رميش هل ته هلي نيرن ڪائون، امين اِنتظار ڪري رهي هوندي. پرم ساڄن کي به ٿيندو هو، هوُ آشا کي اڪثر پريا چوندو هو.
ساڄن کي ڪُڙتي پاجامي ۾ ڏسي ڪرشنا جون اکيون پرجي آيون. کيس پُٽ جي ياد اچي ويئي. هن مُنهن ڦيري ڳوڙها اُگهي ڇڏيا. ڪرشنا ساڄن ۽ آشا کي ناشتو پائي ڏنو. گيانچند کي سڏڻ ڪان پوءِ به نه آيو. ڪرشنا ٿالهيءَ ۾ نيرن پائي کڻي ويس. ٿالهي پرسان رکي چيائينس- ”نيرن پيئي اٿي، کائين ته تنهنجي مرضي، نه کائين ته اها ئي منجهند جو ڪاڻي پوندءِ، منجهند جو نه ته رات جو ڪاڻي پوندءِ.“ ڪرشنا جي ويندي ئي گيانچند

ي ڏنائين. ڪرشنا پڇيس. ”هاڻي هي پئسا ڪٿان آندءِ؟“
ساجن- ”جنهن ڪِرائي جي مڪان ۾ رهندو هوس اُتان جو رنيچر ۽ ٻيو سامان وڪڻي جيڪي پئسا مليا اُنهن مان ڪِرايو ڪائي باقي پئسا آڻي توهان کي ڏنا اَٿم، پنهنجا ڪپڙا ۽ سڪوٽر بہ کڻي آيو آهيان.“
اڄ آرتوار جي ڪري آشا جي بہ ڇُٽي هئي. ڊيوٽي ڏينهن جي ي ويئي هيس. رات جو ساجن ۽ آشا پنهنجي ڪمري ۾ هئا. ساجن چيس- ”آءٌ پنهنجو بسترو هيٺ ٿو لڳايان.“
آشا چيس- ”هيٺ ڇو؟ ڊبل بيڊ جو پلنگہ آهي، هڪ طرف تون سمهجانءِ، ٻئي طرف آءٌ.“
ساجن- ”ننڊ ۾ ڪروٽ بدلي هٿ پير لڳي وڃئي تہ؟“
آشا کلي چيس- ”ايترا اجنبي بہ نہ آهيون جو هڪٻئي کي ڇهي بہ نٿا سگهون.“
ساجن آشا کي ٻُڌايو- ”ڪِرائي وارو مڪان خالي ڪري آيو آهيان، پِريا جي ڪپڙن مان هڪ ساڙهي کڻي آيو آهيان، پائيندينءَ؟“
آشا چيس- ”ڇو نہ پائيندس؟ اِهو مون لاءِ تنهنجو آندل پهريون تحفو ٿيندو.“
ساجن سُوٽ ڪيس مان ساڙهي ڪڍِي آشا کي ڏني. آشا ساڙهي وني پنهنجن ڪپڙن ۾ رکي آئي. آشا سڄي ڏينهن جي ڪم ڪرڻ ڪري ٿڪل هئي. ننڊ اچي رهي هيس. ساجن آشا جون نندآکڙيون اکيون ڏسي چيس- ”هاڻي سُمهڻ گهرجي.“
ٻئي بستري تي هڪ هڪ طرف سُمهي پيا. ننڊ جي خمار جي باوجود پلنگہ تي گڏ سُمهڻ سبب ٻنهين جي دلين ۾ ڀاونائن جو سيلاب اُمڙي پيو. ٻنهين جي ننڊ ڪافور ٿي ويئي. ساجن پِريا جي

ڪرشنا ڳلي لڳائي چيس- ”تون تہ سچ پچ منهنجو پُٽ بڻجي ويو آهين.“

”امڙ، توهان جڏهن سچيءَ دل سان مونکي اپنايو آهي تہ پوءِ آءٌ ڪيئن پوئتي هٽان؟“

”ڏنيہ آ تنهنجي ماءُ جنهن توکي ڄڻيو آ.“

آرتوار جو ڏينهن هو. ساجن پنهنجي ڪِرائي واري مڪان مالڪ وٽ ويو. وڃي چيائينس- ”آءٌ مڪان خالي ڪري رهيو آهيان. توهان جو ڪِرايو بہ ڏيڻو آهي، توهان منهنجو فرنيچر ۽ ٻيو سامان وڪڻڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو.“

مڪان مالڪ چيس- ”سڀ سامان آءٌ خريد ڪندس هلي ڏيکار.“

ساجن- ”هلو تہ ڏيکاريانوَ.“

اُتي ويا تہ گهر کي تالو لڳل هو. ساجن نہ موٽيو هو تہ ڪويتا گهر کي تالو لڳائي چابِي پاڻ وٽ رکي هئي. ساجن معلوم ڪيو تہ ڪويتا جي شادي هئي، سڀ اُجين ويا هئا. ساجن هڪ پٿر کڻي تالو ٽوڙيو. مڪان مالڪ کي فرنيچر فرج، واشنگ مشين، اي.سي. ڏيکاريائينس. مڪان مالڪ هرهڪ شيءِ جو تخمينو لڳائي اڌ پئسا جوڙي ساجن کي ٻُڌايا. ساجن چيس- ”آءٌ پنهنجو اِسڪوٽر ۽ ڪپڙا کڻي ويندس، پِريا جا ڪپڙا ۽ ڪچن جو سامان غريبن ۾ ورهائي ڇڏجو.“

ساجن ڪِرائي جا پئسا ڪٽي باقي پئسا مڪان مالڪ کان ورتا. پِريا جي ڪپڙن مان هڪ ساڙهي ڪڍي پنهنجن ڪپڙن سان گڏ سوُٽ ڪيس ۾ رکي. اِسڪوٽر ٻاهر ڪڍي سوُٽ ڪيس اُتي سيٽ ڪري ٻڌو. رستي ۾ پيٽرول پرائي گهر روانو ٿيو. اُتي پهچي اِسڪوٽر هڪ هنڌ پارڪ ڪري سوُٽ ڪيس کولي کڻي پنهنجي ڪمري ۾ ويو. سوُٽ ڪيس رکي ڪرشنا وٽ وڃي سڀ پئسا ڪرشنا

ڪيائين. اُٿي باٿروم ۾ هلي ويئي. ساجن جي جاڳڻ تي پر بدن ۾
سستي پريل هيس، اُٿڻ تي من نه پيو ڪريس، رات جو دير سان
ننڊ آئي هيس.

آشا سنان ڪري ڪمري ۾ آئي. ساجن سمجهيو ته دير نه ٿي
هي. آشا نه هاڻي اُٿي تيار ٿي آهي.

آشا چيس- ”اڄ ڇُٽي ئي ڪرڻي پوندي.“

ساجن پُڇيس- ”ڇُٽي ڪرڻ جي وجهه؟“

”وقت ڏس.“ ساجن موبائيل ۾ وقت ڏٺو. صبوح جا ساڍا ڏهه
ٿيا هئا. ڇرڪ ڀري اُٿيو. آشا کي چيائين- ”جلدي اُٿاريئه ڇو نه؟“

آشا چيس- ”منهنجي پنهنجي ننڊ به دير سان کُلي هئي. هاڻي
تسليءَ سان تيار ٿيءُ.“

ساجن ڪُجهه سوچي چيس- ”آشا اڄ ته موڪل وٺون ئي ٿا،
سُڀاڻي موڪل آهي ئي. هل ته اُجين گُهمي ٿا اچون.“

”ٻئي هلنداسين ته مميءَ کي تڪليف ٿيندي.“

”ممي پاپا کي به وٺي ٿا هلون.“

”تون پنهنجي گهر ويندي. مونکي به وٺي ويندين، ممي پاپا
ڪيڏانهن ويندا. اُهي توهان جي گهر هلڻ نه چاهيندا. پاپا ته
هلڻ لاءِ تيار نه ٿيندو.“

”پاپا کي چونداسين مهاڪال جو درشن ڪرڻ ٿا هلون. ممي
پاپا کي هوٽل ۾ ترسائينداسين، هڪ ٽئڪسي ڪري ڏينداسون،
سڀ مندر ۽ ٻيا ڏسڻ جهڙا هنڌ گُهمي ايندا.“

گيانچند مهاڪال مندر جي درشن جو ٻُڌي تيار ٿي ويو. ٻنهين
موڪل جي درخواست ڏني. نيرن ڪائي تيار ٿي چار ئي اُجين
روانا ٿي ويا. ساجن بس اسٽئنڊ جي ڀرسان وڪرم لاج ۾ روم بوڪ
ڪرائي سامان روم ۾ رکي، روم لاڪ ڪري ٻن رڪشائن ۾ ويهي

باري ۾ سوچي رهيو هو، آشا رميش جي باري ۾. اُنهن سان گُذاريل راتيون ياد اچڻ لڳن دل درد سان پرجي وين. ساجن لاءِ آشا پريا نہ هئي، آشا لاءِ ساجن رميش نہ هو. من کي گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪيائون، پر من وس ۾ نہ آين. ٻنهين پنهنجي من ۾ اُٿيل طوفان جي هڪٻئي کي لکا پوڻ نہ ڏني. تڙڦندا رهيا بستري تي چُپچاپ ساڏي ليٽيا رهيا. ڪروٽ بہ نہ بدلايائون. رات ڳرندي رهي. ساجن جي اک لڳي ويئي. آشا بہ ننڊاکڙي هئي. ساجن کي ننڊ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي سُجاڳ ٿي ويئي ۽ ڪن لائي ٻڌڻ لڳي. ساجن چئي رهيو هو، پريا تون ڪٿي آهين؟ تو نہ چيو هو ڪنهن سان درد جو رشتو جوڙيندس تہ تون اُن جي ڪايا ۾ نظر ايندينءَ. آشا سان جوڙيو نہ آهي درد جو رشتو.

آشا ساجن جي دل جو درد ڄاڻي پنهنجو ڏک ڀُلجي ويئي. ساجن چئي رهيو هو. ڇا ٿي چئين؟ آشا جي ڪايا سان رشتو جوڙيو ناهي؟ ڪيئن جوڙيان؟ مون آشا جي مرضيءَ جي خلاف سندس مانگ ۾ سندوُر پريو هو، اُن جي مرضيءَ جي خلاف اُن سان شرير جو سنٻنڌ بڻائيندس تہ آشا جي نظر ۾ ڪرِي پوندس.

آشا کي ساجن جي شرافت تي فخر بہ ٿيو تہ ترس بہ آيس. ساجن هاڻي چُپ هو. آشا بہ اکيون ٻوُٽي ڇڏيون.

آشا کي جلدي ڊيوٽيءَ تي وڃڻو هو. اجا اُٿي نہ هئي. نکو ساجن اُٿيو هو. ڪرشنا سوچڻ لڳي، پهريون دفعو پاڻ ۾ مليا آهن تڪ سبب ننڊ نہ کُلي اٿن. چوندي مان تہ اڄ ڪٽي موڪل وٺن.

آشا جي اک کُلي تہ پاڻ کي ساجن جي ٻانهن ۾ جڪڙيل پاتائين. خبر ئي نہ پيس تہ ٻنهين ڪنهن وقت ڪروٽ بدلي ۽ هڪٻئي جي ٻانهن ۾ سمائجي ويا. اُٿڻ چاهي پيئي، ساجن جي ننڊ نہ کُلي، اِهو سوچي ليٽي رهي. ٿوري دير ڪانپوءِ پاڻ کي آزاد

پنهنجي ڳالهه پوري ڪري ساجن پڇيو- ”ڊئڊي، ممي ڪهان
ھ؟“
نيميچند آهه ڀري چيس- ”ڪمو پريا ڪي موت ڪي خبر
نڪر ڇاتي پکڙ ڪر بئٺ گئي ڦر نهين اُٺي.“
ساجن- ”اوهه ڊئڊي، مئن ڀي ڪتنا اڀاڳا هوُن اپني الجهن ۾
جها رها اِڌر ڪي سُڌ هي نهين لي.“
نيميچند چيو- ”چلو بيٽا، ٻيٽر چلڪر بئٺو. مئن ڀوڄن ڪي
بئي بول ديتا هون.“
ساجن- ”ڊئڊي آپ ڪشٽ نه ڪرين، هم اپني گهر جاڪر کا
ينگي.“
”اسي اپنا گهر نهين سمجهتي هو؟ گهر سي هوڪر آئي هو يا
ب جائوگي؟“
”اڀي جائينگي.“
”کانا کاڪي جانا. اڀي ٻهت ڪُڇ سُننا ڪهنا باقي هئه. بيٽي
م سنڪوچ مت ڪرو مُجهي لگتا هئه ميري پريا لوٽ آئي هئه.“
آشا- ”ڌنيه ڀاڳيه ميري، آپ ني مُجهي بيٽي ڪهڪر بُلايا.“
”آئو بيٽي گلي ملو. ميري ڪليجي ڪو ٺنڊڪ مليگي.“
آشا وڃي نيميچند جي گلي ملي. هوُ سندس مٿي تي هٿ
ڦيريندو رهيو. ٻنهين کي وٺي وڃي پريا جي ڪمري ۾
ويهاريائين. ٻنهين لاءِ جل ڇانهه جو بندوبست ڪيائين. پوءِ ساجن
سان تسليءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.
”بيٽا يهان واپس آ جائو، اِس گهر ڪو آباد ڪرو.“
ساجن چيس- ”ڊئڊي هم دونو وهان نوڪري ڪر رهي هئين.
يهان آڪر مئن ڪيا ڪرونگا؟“
”ميري بيٽي سي نوڪري ڪرائوگي؟ يهان آڪر بند پڙا ميرا

مهاڪال مندر ويا. درشن ڪري لاج ۾ موٽي آيا. ساجن ڪرشنا ۽ گيانچند لاءِ روٽي گهرائي. ٻنهين کي روٽي کارائي چيائين، ”توهين آرام ڪيو، اسين اچون ٿا.“

هيٺ لهي آٽو ڪري ٻئي آٽو ۾ ويٺا. آٽو واري کي چيائين، ديواس روڊ پر سيٺ نيميچند جئن کي مڪان پر چلو. نيميچند مشهور هستي هو. آٽو واري فريگنج اچي ديواس روڊ تي مُڙي آٽو نيميچند جي بنگلي تي روڪيو. هيٺ لهي ڪِرايو چُڪائي ٻئي گهر اندر ويا. نيميچند ساجن ۽ آشا کي حيرت مان ڏسڻ لڳو. پوءِ پُڇيائينس- ”ڪهان ٿا اتني دن؟“

”ڊئڊي مئن ڪورونا پازيٽو هو گيا ٿا، ڪئي دن تڪ پرتي رها، يي آشاجي هئين، وهان نرس هئين اِنهوني بُهت سيوا ڪي، هاسپيٽل سي ڇٽي ملني کي باد يِي مُجهي ديکڀال کي ضرورت ٿي. يي مُجهي اپني گهر لي گئي، انکي پتي ڪِي يِي ڪورونا سي مرتيوُ هو گئي ٿي. آپ اندازا لگا سڪتي هئين ڪتني پيڙا هوگي اسکي دل ۾. مرني سي پهلي پِريا ني مُجهسي واعدا ليئا ٿا ڪِ مئن اپني ڪو سنڀالونگا، پرتي هو ڪر اپنا علاج ڪرائونگا. اپني جئسي ڪسي دردمند ڪو ديڪون تو اُسڪا درد بانٽون. اُسڪو سهارا دون، اُسڪا سهارا لون، اُسي اپنا لون.

آشا ڪا سسُر آشا ڪو ميري سات ديکہ ڪر اپنا آپا کو بئٺا. آشا کو کري کوٹي سُنائي. آشا ڦوٽ ڦوٽ ڪر روني لگي، مُجهسي آشا ڪا اَپمان سهن نهين هوئا، آشا ڪي ساس ني مُجهي اپني قسم ديڪر رُڪني کو کها، اپني ڪمري ۾ جاڪر سندوُر ڪِي ڊبي لي آئي، مُجهسي بولي پر دو بهوُ ڪي مانگہ، بن جائو اسڪي ساجن، بن جائو ميري بيٽي. مئن اُنڪا کها ٽال نہ سڪا، آشا ڪي مانگہ پرڪر اُسي اپنا ليئا. پِريا ڪو ديئا اپنا واعدا پورا ڪيئا.“

''چل ساجن، پهلي چلکر اُنکو لي آتي هئي. بيٽي تُم يهين رو.''

نيميچند ساجن کي ساڻ وٺي ڪار ۾ هوٽل ويو. گيانچند جي مري وٽ پهچي نيميچند ڪال بيل وڄائي. گيانچند آرام ي تياري ڪري رهيو هو، آرام ۾ رُخنو پيس تہ خفي ٿي چوڻ و، ''اس بيوقت ڪؤن هئہ؟'' وجي در کوليائين. سامهون ميچند کي بيٺل ڏسي حيرت ۾ نهارڻ لڳو. نيميچند چيس، گيانو، تُم يهان؟''

''ارِي نيمي توُ؟ سوچا نتا دشکون باد اچانڪ تُم سي مُلاقات وگي.'' ساجن کي ساڻ ڏسي پُڇيائينس- ''اسي ڪئسي پهچانتي و؟''

گيانچند- ''ساجن ميرا داماد هئہ.''

ساجن کي مخاطب ٿي گيانچند چيس- ''دوکيباز شادي شدهہ وندي، آشا کي دوکو ڏيئي اُن کي بہ زال بڻايو اَٿِي؟''

نيميچند چيس- ''عکل ڪي دشمن، ميري بيٽي اب اس دنيا ر نهين هئہ، آشا بيٽي يهہ بات جانتي هئہ.''

''معاف ڪرنا دوست، مُجهي مالوم نہ ٿا.''

''بولني سي پهلي تول ليئا ڪر.''

''اب چل گهر چلتي هئين، بيٽا ساجن تُم جاڪر چيڪ آئوٽ ڪراڪي آئو.''

ڪرشنا چيس- ''پاپي صاحب کي اندر اچڻ لاءِ نہ چوندين؟''

''پاپي جيِ، دن تپ رها هئہ، جلدي سي سامان سميٽو تو گهر چلين.''

ساجن چيڪ آئوٽ ڪرائي بئري کي ساڻ وٺي آيو. سامان ڪٽائي ڪار جي ڊڪيءَ ۾ رکيائون. بئري کي ۵۰ جو نوٽ ڏنائين. چار

ڪاروبار سنڀالو، بُهت گنجائش هئه اُس ۾، مئن سات رهڪ
سڪائونگا.''

''سو تو ٺيڪ هئه ڊئڊي، هم دونو پر آشا ڪي ساس سسُر ڪ
دايتو هئه، اُنهوني مُجهي اپنا بيٽا مان ليئا هئه.''

''بيٽا، اس گهر ۾ اُن دونو ڪي ليئي ڀي بُهت جگهه هئه.''

آشا- ''پاپا، وي نهين مانيگي.''

''بيٽي مئن اُنڪو منا لونگا. آپ دونو مُجهه پر ايڪ اُپڪار ڪر
مئني تُمهين ڪُڇ نهين ديئا هئه، آپ مُجهي ميرا وارث دو.''

آشا ساجن طرف ڏسڻ لڳي. نيميچند چيس- ''گهبرائو نهين
بيٽي، مئن تُم سي تيري سنتان نهين ڇينونگا، مئن اُسي اپ
وارث بنائونگا.''

آشا اُٺي نيميچند پرسان ويئي. هٿ جوڙي نمي چيائينس
''پاپا، همين آشيرواد دين. هم آپڪي منوڪامنا پوري ڪرني ۾
سڦل هون.''

''بيٽي ميرا آشيرواد هئه تُمهاري ليئي، ڦلو ڦولو، اڪن
سوڀاگيوتي هو.''

''پاپا، آپڪا آشيرواد پاڪر مئن ڌنيه هو گئي.''

''دونو کانا کاکر وشرام ڪرو، شام ڪو ساجن ڪي گهر جانا.''

''ڊئڊي، هم مان باپوجي ڪو هوٽل ۾ ڇوڙ آئي هئن همي
جلدي اُنڪي پاس جانا هوگا.''

''اُنهين هوٽل ۾ ڪيون ٺهرايا؟ يهان لي آتي اُنهين.''

''نهين آتي وو.''

نيميچند- ''چلو پهلي اُنڪو لي آتي هئن، ڦر سڀ ملڪ
کائينگي.''

''مئن اُنڪو کانا کلاڪي آيا هون.''

جمنا چيس- ”پائي صاحب، ساجن آشا جهان پيِ رهين، سلامت رهين، خوش رهين، ڦولين ڦلين.“ جمنا پنهنجي گلي مان هار لاهي آشا کي پاتو. ڪيس پاڪر ۾ پري متو چُميائينس. ڪرشنا وٽ وڃي چيائينس- ”پيڻ اسين شڪرگُذار آهيون توهان جا، توهان ساجن کي اپنايو ۽ دُک مان اُپاريو، سندس ويراني زندگيءَ کي آباد ڪيو.“

ڪرشنا چيس- ”پيڻ شڪرگُذار تہ اسين آهيون توهان جا، توهان جو پُٽ اسان جي ٻُڍاپي جو سهارو بڻايو. آشا کي اپنائي سندس زندگي سنواري. هاڻي توهان آسيس ڪيو ڪنوار جي گود پرجي. اسان جي گهر ۾ ڪلڪاريون گونجن.“

جمنا- ”پيڻ اسان جو آسون، اُميدون ساڳيون آهن، شامل آهن، ملي پرماتما کي پرارٿنا ٿا ڪريون، مالڪ جلد اسان جي من جي مُراد پوري ڪري.“

اُن وقت ساجن جا سڀ دوست آيا. ساجن کي ڏسي سندن خوشيءَ جو نڪاڻو نہ رهيو. هڪ ٻئي سان گلي مليا. ساجن دوستن کي آشا جي باري ۾ ٻُڌايو. آشا سڀني کي هٿ جوڙي نمستي ڪئي. ڪل خوشيءَ سان ماحول خوشنما بڻجي ويو. مُدت کان پوءِ نيميچند جي گهر ۾ ڪل خوشيءَ جو ماحول بڻيو هو.

ستيش آشا کي چيو- ”پاپي هاڻي اسين توهان کي ڪيڏانهن بہ وڃڻ نہ ڏينداسين.“

آشا چيس- ”پائي صاحب، هاڻي اسان هتي ئي بابا سان گڏ رهنداسين.“

جلد ئي ڊنر شروع ٿيو. سڀني ملي رسوئي ڪاڏي. ٻئي ڏينهن دوارڪاداس سڀني کي ڊنر جي نينڊ ڏني. ستيش لنچ تي سڏاين. رات جو ١٠ بجي ڪرفيو شروع ٿيڻ وارو هو. سڀ موڪلائي

ئي ڪار ۾ ويهي نيميچند جي گهر آيا. نيميچند گيانچند ۽ ڪرشنا کي اندر وٺي ويو. کين هڪ الڳ ڪمري ۾ وٺي ويو. هڪ سيوڪ اچي سامان کڻي ويو. ڪار پارڪ ڪري ساجن به اندر ويو. سَسُ سُهري کي آيل ڏسي آشا کي حيراني ٿي.

رسوئي تيار هئي. ڊائننگ ٽيبل تي لڳي چُڪي هئي. سڀ ڪائڻ وينا. نيميچند زور ڀري گيانچند ۽ ڪرشنا کي به ڪائڻ لاءِ ويهاريو. رسوئي ڪائي سڀ آرام ڪرڻ ويا. گيانچند ڪرشنا الڳ مليل ڪمري ۾ ويا. ساجن آشا پِريا جي ڪمري ۾ ويا. نيميچند پنهنجي ڪمري ۾ ويو.

شام جو سيني گڏجي چانهه پيتي. نيميچند ساجن کي گهر وڃڻ لاءِ منع ڪئي. گيانچند کي اندور ڇڏي اُجين اچڻ لاءِ منائي ور تائين.

نيميچند فون ڪري دوارڪاداس کي پريوار سميت رات جو ڊنر تي اچڻ جي دعوت ڏني. ستيش سميت ساجن جي سيني دوستن کي به اچڻ لاءِ چيائين. ڊنر جو اِنتظام باغيچي ۾ ڪيائين. سروس لاءِ ويٽر گهرايائين.

دوارڪاداس پريوار ساجن کي ڏسي گد-گد ٿي ويو. خوشيءَ مان جمنا جون اکيون ڇلڪڻ لڳيون. ساجن ۽ آشا اُٿي دوارڪاداس ۽ جمنا کي پيري پيا. آشا کي ڏسي حيران ٿيا. نيميچند آشا جي باري ۾ ٻُڌاين. جمنا آشا کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايو. ر تن ۽ ڪويتا ساجن ۽ آشا کي پيري پيا. نيميچند، گيانچند ۽ ڪرشنا کي به پيري پيا. سيني ٻنهين کي آشيرواد ڏني.

نيميچند دوارڪاداس کي چيو- ’’ساجن ڪو ديکہ ڪر جتنا خوش هونا هو هولو، وهہ اب ميري متر گيانچند ڪا پُتر هئہ، آپ لوگون ڪو رتن سي هِي ڪام چلانا هئہ.‘‘

پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿيا.

گهر جي سيوڪن ۽ ويٽرن بہ رسوئي ڪاڏي صاف صفائ
اُهي بہ گهر ويا.

رات جو ساڄن ۽ آشا پنهنجي ڪمري ۾ هئا. آشا ساڄن ک
”پاپا ڪي وارث گهرجي.“

ساڄن چيس- ”ها آشا، هاڻي دوري ختم ڪرڻي پوندي
آشا چيس- ”آءٌ پنهنجو تن من توکي اَرپڻ ٿي ڪريان
ساڄن آشا جو چهرو ٻنهين هٿن ۾ جهلي آشا جي اکين ۾
لڳو. آشا پُڇيس- ”ڀِريا ڪي ٿو ڳولهين؟“

ساڄن خاموش رهيو. آشا چيس- ”جنهن کي تلاش ڪري
آهين اُها منهنجي اکين ۾ نہ منهنجي ڪايا ۾ ملندءِ.“

ساڄن آشا جا چپ چُمي ٻانهن ۾ کڻي وڃي بستري
ليٽايائينس. بستري تي وڃي آشا کي ٻانهن ۾ ڀري سيني
لڳايائين. آشا پنهنجو تن من ساڄن کي اَرپڻ ڪيو.

❀ ❀ ❀

واقفيت



نالو: امر گوپالاڻي

پتا جو نالو: شري گُرلداس گوپالاڻي

جنم تاريخ: 21 جولاءِ، 1936

ائڊريس: اِي-98، ساڪيت، اِندور (ايم.پي.)

مو.: 8989831884

امر گوپالاڻيءَ 1953 ۾ فقط 17 سالن جي عمر ۾ ڪهاڻي لکڻ سان پنهنجي ساهتيہ سرجڻ جي
عات ڪئي ۽ اڄ 85 سالن جي عمر ۾ بہ سندس رچنائن جو سلسلو لڳاتار جاري آهي.

شري گوپالاڻيءَ 1953 ۾ شروعات هٿ سان لکيل سنڌي ساهتيڪ پتريڪا 'مهراڻ' جو بطور سهہ
ادن طور ڪيو ۽ 1956 ۾ هٿ سان لکيل پتريڪا 'چانڊني' جو سمپادن ڪيو. هنن اُنهيءَ سال
ن جي سنستا 'فرينڊس ڪلب' جي اِستاپنا ڪئي ۽ هُو ڪلب جا چيئرمين رهيا ۽ پئنچايت ۾ بہ
ريہ رهيا. شري گوپالاڻي 'اِندور سنڌي ادبي سنگت' جا سنستاپڪ ميمبر آهن.

هندو روزاني اجمير، هندواسي هفتيوار (ممبئي)، سنڌي احوال هفتيوار (احمدآباد)، ماهوار اکنڊ
و سنسار ۽ رشتن جو سنسار جي لاءِ لاڳيتو لکندا رهندا آهن. سرڳواسي ڏرم تيجا دواران سمپادت
يڪا 'سنڌو مهڪ' ۾ شري گوپالاڻيءَ جون 30 ڪان وڌيڪ ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن.

سندن ڪُجهہ ڪهاڻيون آڪاشواڻي اِندور تان بہ پرسارت ٿيون آهن. احمدآباد جي چاند ڪشن
لاڻيءَ دواران لکيل طنزيہ ڪردار ۽ اُن جي ڪڙي ڪلومل-بلومل تي ٽي.وي. سيريل جو نرماڻ
و جنهن جا 13 ايپيسوڊ ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن.

سندن رچنا 'ڪلومل-بلومل' ڀاڱو-2 تي مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ 2016 ۾ سُني
پُرسڪار سان سنمانت ڪيو.

2017-18 ۾ 'ڏنگ' ڪتاب تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ڀاران ساهتڪ اوارڊ سان اُنهن کي سنمانت ڪيو
مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ڀاران 2019 لاءِ ساهتيہ گؤرو سنمان ڏيڻ جي پڙرائي ڪئي آهي.

امر گوپالاڻيءَ جو پهريون هندي ڪهاڻي سنگرهہ 'آنسوُن عمر ڀر ڪي' سال 2008 ۾ شايع ٿيو.
تر تائين هُنن جا ڪل 39 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ 26 سنڌي ۽ 13 هندي ڀاشا ۾ آهن.
ي ۾ 9 ناول، 1 لگهو ناول، 3 ڪهاڻي سنگرهہ ۽ سنڌيءَ ۾ 15 ناول، 4 ڪهاڻي سنگرهہ، 5 طنزيہ
سنگرہ ۽ 1 ناٽڪ سنگرہ شايع ٿي چڪا آهن. امر گوپالاڻيءَ جا لکيل ڪيترا ئي ناٽڪ ڀوپال جي
ور ڊراما ڊائريڪٽر شري اشوڪ بولاڻي منچ تي پيش ڪيا آهن.